سنڌي وڻڪار

پيلو ڪاتو سنڌ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

وَّالنَّجْمُ وَالشَّجَرُ يَسْجُدٰنِ ۝ وَالسَّمَآءَ رَفَعَهَا وَوَضَعَ الْمِيْزَانَ ۝
اَلَّا تَطْغَوْا فِي الْمِيْزَانِ ۝ وَاَقِيْمُوا الْوَزْنَ بِالْقِسْطِ وَلَا
تُخْسِرُوا الْمِيْزَانَ ۝ وَالْاَرْضَ وَضَعَهَا لِلْاَنَامِ ۝ فِيْهَا
فَاكِهَةٌ وَّالنَّخْلُ ذَاتُ الْاَكْمَامِ ۝ وَالْحَبُّ ذُو الْعَصْفِ
وَالرَّيْحَانُ ۝ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝

ولیون ۔ پڑھ سجدہ کرتا ہے آسمان کی بلندی کیائین ۔ پر کیائین ترازو ۔
تم زیادتی کرو تول میں ۔ قائم کرو وزن کی انصاف سان ۔ نہ گھٹت کرو
تول کی ۔ زمین کی ان دچایو خلق لاء ۔ ان میں آھن میوا ۔ کھجیون چھیڑ ین
وار یون ۔ ان تھن دار ۔ گل خوشبودار ۔ پوء پنھنجی رب کھڑین نعمتن
کی اوھین بئی کوڑ و کندو

سنڌ جي وٽڪار

پهريون ڇاپو : 1996

ٻيو ڇاپو : 1998

گاڏيتو : 10,000

ڇاپيندڙ : سهيل پريس، ڪراچي

ڇپائيندڙ : پيلو ڪا تو سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

وٽڪار جا فيض

- وڻ ۽ ٻيلا زمين کي پائجڻ ۽ پڄڻ ۾ ڀرڻ کان بچائين ٿا
- ٻيلا جهنگلي جيوت جي قدرتي جوُ ۽ آهن ، جتي ان کي اجهو ، کا ڏو ۽ تحفظ مِلي ٿو
- وڻ فضا جي گدلاڻ گهٽائين ٿا ۽ هوا منجهان ڏوڙ ۽ دز چاڻي ڪين ٿا
- ٻيلا بهترين واترشيد ناهين ٿا
- وڻ ڪاربن ڊائڪسائيڊ مان آڪسيجن ناهين ٿا، جيڪا جياپي لاءِ تمام ضروري آهي
- وڻ هوا جي ڇوهڪان بچاءُ ڪن ٿا
- وڻن جي گلن جي رس منجهان ماکي ٺهي ٿي
- وڻ پکين جي آڪيرن جي جاءِ آهن
- وڻ پوکن ، جانورن ۽ ٻيجن جو پنارو آهن
- ٻيلا تفريح ۽ تعليم جي ڪم اچن ٿا
- وڻ ڪرڙين، جيتن، باندرن ۽ ٻين اهڙن جيون لاءِ محفوظ اجها ۽ ڪئموفلاز آهن

سُهاڳ

وڻ سڀ پڇ ته وڏي نعمت آهن جو اُهي سڌيءَ يا اڻسڌيءَ طرح اِنسان ذات کي ڪئين فائدا پهچائن ٿا. اڏاوت ۾ ٻارڻ جوڪاٺ، کاڌخوراڪ جون اڻيڪ شيون، ڪيترائي ڪمائي مادا ۽ گرم مسالا توڙي ڪاغذ وڻ مان ملن ٿا. اهي آبهوا کي پوروپنو ۽ ماحول کي سونهن، سانت ۽ ٺڏڪار وارو رکن ٿا. وڏي ڳالهه ته زمين جي بڻاوت، پلائيءَ ۽ حفاظت به ساڻن جي شڪل ۾ وڻ ئي ڪن ٿا.

ڪيڏي نه ڏک جي ڳالهه آهي ته هيءَ نعمت خود انسان جي ئي هٿان تمام تيزيءَ سان ناس ٿيندي پئي وڃي. 1950ع ڏرتيءَ جو 25 سيڪڙو پَٽُ ساڻن ڍڪيل هو. هڪ پيڙهي پوء پلائي زمين جي پکيڙ گهٽجي 20 سيڪڙو ٿي وئي. انهيءَ جو وڏو ڪارڻ وڌندڙ آبادي جي زرعي زمين ۽ ساڻن وسڻ لاءِ وڌندڙ گهُرج هُئي. ڪن ڪاٽن موجب، هيءَ ايراضي 2020 تائين اڃا وڌيڪ گهٽجي 14 سيڪڙو ٿي ويندي. اِستوائي ٻيلا، جيڪي گهٽو ٽٻو ڏزن ڪن اسرندڙ ملڪن ۾ آهن، سي سماجي، سياسي ۽ اِقتصادي گهُرجن جي ڪري تباهه ٿين ٿا. اِها وڏي بدقسمتي آهي، ڇاڪاڻ ته اِستوائي زمين ۽ پاڻيءَ جي وسيلن کي محفوظ ۽ آبهوا کي موافق رکڻ لاءِ اهي ٻيلا بيحد ضروري آهن.

سنڌ جو ٻيلو ڪاتو ٻيلن جي واڌ ويجهه جو ڪم وڏيءَ اورچائيءَ سان ڪندو رهي ٿو. انهيءَ ڏس ۾، جتي سنڌ جا روايتي وڻ جهڙوڪ ٻير،ٻيد مشڪ، نِم، سيمل ۽ سِرنهُن جهڙا سٿا وڻ اپايا وڃن ٿا، اُتي نيون جنسون پڻ وٺڪاريون وڃن ٿيون. انهن نين جنسن ۾اِپل اِپل، ۽ ڪونوڪارپس خاص ذڪر لائق آهن، ڇو ته اهي نه رڳو سِم ماريل زمين کي سڌارڻ ۾ واهرڪن ٿا، پر زير زمين پاڻيءَ کي گهربل مٺاڇري تي پڻ آڻين ٿا.اهڙيءَ ريت ،اهي وڻ اقتصادي طرح وڏي فائدي وارا آهن.آباگار طبقو انهن کي سائنسي طريقي سان اپائي پنهنجي آمدنيءَ ۾معقول اِضافو آڻي سگهي ٿو.

هيءُ ڪتاب پهرين1996۾ "وڻ زندگي آهي"جي نالي سان ڇپيو هو.اِن ۾ روايتي ۽ نون وڻن جي پوک ۽ سار سنڀالَ بابت مفيد معلومات گڏ ڪئي وئي آهي ته جيئن آباگار پاڻر انهيءَ مان لاڀ وٺن.

ڪراچي، 6 اپريل 1998

شمس الحق ميمڻ

سيڪريٽري

ٻيلو ڪاتو سنڌ

ابتدا

سڄي دنيا ۾ اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته وڻ ۽ ٻيلا انساني زندگيءَ جي ضرورت، ملڪ جو سينگار ۽ قوم جي دولت آهن، اهي وڻ ئي آهن، جيڪي هر انسان کي پيدائش کان وٺي سک ڏين ٿا. کاڻ پينگهي جي شڪل وٺي کيس پنهنجي هنج ۾ لوڏي راحت ۽ آرام ميسر ڪري ٿو. جيستائين زندگيءَ جي ضرورت جو سوال ته هي بي زبان وڻ اسان جي زندگيءَ جي هر اها ضرورت پوري ڪن ٿا جنهن سان اسان جو پل پل ۾ واسطو پوي ٿو.

وڻڪار موجوده دور جي اهم ضرورت آهي

تاريخ شاهد آهي ته اهو به وقت هيو، جڏهن انسان پنهنجي خوراڪ، پوشاڪ ۽ رهائش لاءِ انهن ساون ٻيلن جو محتاج هيو پر جيئن جيئن جانور پالڻ ۽ اناج اپائڻ انسان جي زندگيءَ جو معمول بڻجي ويو ۽ هو ترقيءَ جي راهه ڏانهن وک وڌائيندو ويو تيئن تيئن هو وڻڪار جي اهميت کان منهن موڙيندو ويو. آخر نتيجو اهو نڪتو جو ٻيلا ڪن محدود جاين تي يعني هاٿوڪن ٻيلن واريين ايراضين تي وڃي بچيا. ياد رهي ته دنيا ۾ اهڙا ڪيئي مثال ملندا ته جنهن به قوم قدرت کان مليل پنهنجي ٻيلن واري دولت جو قدر نه ڪيو آهي، تنهن آخر ۾ زراعتي، صنعتي ۽ اقتصادي زوال ئي ڏٺو آهي.

هاٿوڪي صورتحال:

متوازن معيشت لاءِ سنڌ صوبي ۾ ٻيلن هيٺ آيل زمين جي ايراضي گهٽ ۾ گهٽ 20- 25 سيڪڙو هئڻ گهرجي پر سنڌ جي ايراضي جو مشڪل سان 4.8 سيڪڙو علاقو ٻيلا پوکڻ لاءِ سنڌ

ٻيلي کاتي کي مليل آهي.
هن وقت سنڌ ۾ ٽن قسمن جا ٻيلا وڌايا ۽ سنياڻا پيا وڃن.

١- درياهي ٻيلا	596000 ايڪڙ
٢- آبپاشيءَ ذريعي وٽڪاري	203306 ايڪڙ
٣- ساموندي	852112 ايڪڙ

وڻن جو استعمال

وڻ عمارتي ڪاٺ ۽ پارڻ لاءِ ڪاغيون ڏيڻ کان سواءِ پٽ ڪيڻان، پالڻ، يوناني دوائون ٺاهڻ، ڪاغذ سازي، فرنيچر ۽ زراعت ۾ ڪم ايندڙ اوزار ٺاهڻ، ڪوئلي جي ڪاڻين ۾ بطور گئس ۽ ريلوي سليپرن جي ڪم اچن ٿا.

انهيءَ کان سواءِ جهنگلي جانورن کي ضروري تحفظ فراهم ڪرڻ، ٻوڏ جي مصيبت کي ٻنجي ڏيڻ ۽ عام انسانن لاءِ سير تفريح مهيا ڪرڻ سان گڏوگڏ ماحول مان گندگيءَ کي خارج ڪن ٿا.

وڻن جي اهميت معتدل آب و هوا

وڻ نه صرف پنهنجي ماحول کي سينگارين ٿا، پر سياري جي سردي ۽ اونهاري جي گرمي ۾ جاين جي اندر ۽ باهر گرمي جي درجي کي معتدل رکڻ ۾ به مدد ڏين ٿا.

توانائيءَ جو بحران ۽
فضائي آلودگي جو سدِباب

موجوده دور ۾ توانائيءَ جو بحران ۽ فضا ۾ آلودگي هڪ اهم مسئلو آهي. اهي ٻئي مسئلا هن وقت انسان ۽ انسان جي ملڪ لاءِ

هڪ وڏو چئلينج آهن، تنهنڪري اسان سڀني پاڪستانين جو الهو سماجي ۽ اخلاقي فرض آهي تہ انهيءَ چئلينج جو مقابلو ڪريون، ۽ حالت ۾ اهو اڄ جو معمولي مسئلو آڪٽي هلي اسان جي زندگي ۽ ان جي بقا جو مسئلو بڻجي پوندو.

اناج جو آڏار

اسان جي ملڪي زرعي پيداوار جي ترقيءَ جو دارومدار ٻيلن تي آهي، ٻيلن جا وڻ زوردار هوائن کي جهلڻ، زمين جي ريج کي سوکڙ ڪان روڪڻ ۽ هوا ۽ پاڻيءَ جي ڪاڏ کي ٻنجو ڏيڻ ۾ مدد ڏين ٿا. ان ڪانسواءِ ٻيلن ۾ گڏ ٽيل ڪڪ ۽ پن زمين جي طاقت وڌائڻ ۽ ان مان سٺا فصل اپائڻ جي ڏس ۾ هڪ بهترين قسم جو ٻاڻ آهن. بچاءَ وارن خطن ۾ بيئل وڻ هوائن جي زور کي ڇيڪي اڏامندڙ مٽي ۽ واريءَ کي روڪين ٿا جيڪا ٻيءَ حالت ۾ فصلن کي تباهہ ڪري ڇڏيندي آهي.

انهن مڙني ڳالهين مان معلوم ٿئي ٿو تہ اناج جو آڏار ۽ ٻيلن جي ترقيءَ تي آهي.

ٻيلا

زمين جي بربادي‌ءَ کان بچاءُ ۽ ٻوڏ لاءِ ٻنجو آهن

ٻيلا اسان جي زرعي زمينن جي زرخيزيءَ وارن ذرن جا راکا آهن، جڏهن تہ برساتيون پون ٽيون تہ وڻ انهن جو زور زمين تي ڇهچڻ کان اڳ هر سطح تي پيون ٿا، مثال طور برسات پهريائين وڻن جي مٿاهين ڇتيءَ کي لڳي ٿي تنهن بعد وري زمين تي پيل پن،

ننڊن پوٽن ۽ گاهن تي پئي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ ان جو مٽاچري تي پوندڙ دباءُ بلڪل ختم ٿيو وڃي ۽ زمين مينهوڳيءَ جي موتمار گهاون کان گسيو وڃي. اهڙيءَ طرح زرخيزيءَ قائم رهڻ سان گڏوگڏ انهي جي پاڻي جذب ڪرڻ واري قوت بحال رهجيو وڃي. ان کان سواءِ وٽن جي لڳاتار قطارن جي بي خوبي اها به آهي ته هو هوائن جو زور پڇن ٿا.

سڄ مان ملندڙ روشنيءَ کي صاف رکن ٿا ۽ زمين جي ريڄ کي قائم رکن ٿا. هڪ اندازي مطابق گهاٽي ۽ گجگاهه ٻيلن مان هڪ ايڪڙ تي اٽڪل ٻه ٽن قدرتي پاڻ حاصل ٿئي ٿو، جيڪو زمين جي حيواني جسمن لاءِ گهر ۽ کاڌ خوراڪ مهيا ڪري ٿو. انهن حيواني جسمن مان زمين کي آباد رکڻ ۾ سانپن جو وڏو هٿ آهي. اهي جيتامڙا زمين ۾ بي انت سرنگهون هٽي، زمين کي هوا خوريءَ جو موقعو فراهم ڪن ٿا. ان کان سواءِ وٽن جي نباتاتي مادي جي ذرن کي پيهي پنهنجي هاضمي واري نظام ذريعي خارج ڪن ٿا، جنهن مان زمين کي بي پناهه قوت حاصل ٿئي ٿي.

مٽي ذڪر ڪيل معلوماتي ڄاڻ کان اڳ انسان جي نظر صرف ٻيلن مان ملندڙ ڪاٺ تائين محدود هئي. پر هاڻي مٽين مثالن انهيءَ ڳالهه کي سڄ جيان روشن ڪري ڇڏيو آهي ته ٻيلن ۾ وٽن کان سواءِ ٻيون به ڪيتريون ئي اهڙيون شيون آهن جن جي ٿوري کوٽ انسان جي جياپي کي جوکم ۾ وجهي سگهي ٿي.

پوڏ کان چوٽڪارو

ٻيلا، پوڏن کان به بچڻ لاءِ مددگار ثابت ٿيا آهن ۽ اهو ڏنو ويو آهي ته جيڪا برسات پوي ٿي، تنهن کي يا ان جي ڇڄ حصي کي جيڪڏهن زمين جي مٽاچري تان پوري آب و تاب سان وٽن ڏنو وڃي ته ان جا نتيجا انساني پهچ کان پري نڪرندا، ڇاڪاڻ ته درينيج واري نظام لاءِ اهو بالڪل ناممڪن آهي ته هو برسات جي

سموري پاڻي کي سنيالي سگهي. جنهن جي نتيجي ۾ انسان لازمي طور ٻوڏ جي وکڙ ۾ اچي ويندا سين. جيڪو پاڻي پوري سگهه سان زمين جي مٿاڇري تان وهندو، سو ضرور مٿانهين تهه کي ۽ پاڻ سان گهليندو ۽ زمين جي کاڌ کي وڌائيندو ۽ سمورو لٽ وڄي واهن ۽ واهوڙن ندين ۽ نالن، ڍنڍن جي وات ۾ وجهندو، جتان لهي اها لٽ سندس پيٽ ۾ريندي جڏهن لٽ پيٽ ۾ تمام گهٽي انداز ۾ جمع ٿئي ٿي ته پوءِ لازمي پاڻي جو دٻاءُ ڪنارن تي پوندو آهي. جنهن ڪري هو اٽل ڪاٽ شروع ڪندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪنارن ۽ ڪپن ۾ گهارا ۽ گهاءُ پنجي ويندا آهن ۽ انسان ٻوڏ جي مصيبت ۾ مبتلا ٿي ويندا آهيون، جيڪڏهن زمين جي مٿاڇري تي وٽن، گاهن ۽ ٻوٽن جو غلاف چڙهيل هوندو ته زمين جي زرخيزي به ضايع نه ٿيندي، نه وري لٽ سان ۾ريل نهرون پنهنجا ڪنارا ڪاٽي بني نوع انسان جو جيئڻ جنجال ۾ وجهنديون.

رهائشي ضرورتون

انسان جي رهائش گاهن ۽ ڪاٺ جو اهم ڪردار نه رڳو لانديين ۽ ٻهراڙيءَ جي گهرن مان ظاهر آهي، پر جديد طرز تي جڙيل محلن ۽ ماڙين مان به ڏسي پسي سگهبو آهي. جيڪڏهن انهن مان ڪاٺ جو عنصر نڪري وڃي ته هيءُ عمارتون، جهڳا ۽ جهوپڙيون، محل ۽ ماڙيون اجڙيل نظر ايندينون.

ريشم جي فراهمي

ريشمي ڪپڙو تيار ڪرڻ وارو ڪچو مال، جيڪو انسان کي پٽ ڪيڙن مان ملي ٿو، سي پٽ ڪيڙنان پڻ توتن جي وٽن تي پالڻيا ويندا آهن. انهن مثالن مان اهو بخوبيءَ معلوم ٿئي ٿو ته انسان جون اهم ترين ضرورتون ٻيلن ذريعي حاصل ٿين ٿيون.

ٻيلا ملڪي دفاع ڪن ٿا

ٻيلا قومي دولت هجڻ سان گڏ وڏو مضبوط دفاع به آهن، ڪاڻ ملڪي ۽ قومي دفاع ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي تنهن جا مثال اسان کي تير ڪمان واري دور کان ملن ٿا. تنهن زماني ۾ شاهه بلوط ۽ ساڳوڻ جي ڪاڻ بحري جهازن جي تياريءَ کي به آسان بڻائي ڇڏيو، جنهن ڪري اوائل ۾ ڪن ملڪن ته بحري جهازن جي ڪثرت سبب پين ملڪن تي پنهنجو ڏاڪو جمائي ڇڏيو هو.

ان کان سواءِ جنهن به ملڪ ۾ جنگي حالتون پيدا ٿيون آهن، اتي هر قسم جي فوجي ساز و سامان کي وڻن هينان لڪايو ويندو آهي ۽ دشمن کي مغالطي ۾ رکڻ لاءِ عام گاڏين وغيره تي به پٽن سان پريل شاخون رکيون ويندیون آهن، وڻ اسان جي فوجي جانبازن ۽ جنگي اهميت جي اهم هٿيارن پنوهارن لاءِ هڪ بهترين بچاءُ آهن، جنهن جي اوٽ ۾ اسان پنهنجو قيمتي جنگي ساز و سامان جوانن سميت بچائي به سگهون ٿا ته دشمن سان نهايت ڪاميابيءَ سان مقابلو به ڪري سگهون ٿا.

شاگردن لاءِ ۽ بول

اڄ ڪلهه ڪنهن به قوم جي قيمتي متاع ان جو ادبي ۽ ثقافتي ذخيرو سمجهيو ويندو آهي ۽ ان جي معيار جو اندازو ان جي ڪاغذ جي ڪپت مان لڳايو ويندو آهي، جنهن قوم وٽ ڪاغذ جي قلت نه آهي تنهن وٽ هر قسم جي ادبي، مذهبي، معلوماتي ۽ تحقيقاتي مضمونن تي مشتمل ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن جي ڪوٽ به ڪانه هوندي آهي، بدقسمتيءَ سان اسان جي ملڪ ۾ ڪاغذ تيار ڪرڻ واري ڪچي ڪاڻ جي قلت آهي جنهن ڪري هڪ طرف ان جو اڳهه وڌي ويو آهي ته ٻئي طرف گهٽ معيار وارو مال تيار ٿي رهيو آهي. جنهن جو اثر لازمي طور تي سڌي طرح سان اسان جي مستقبل جي معمارن تي پئجي رهيو آهي.

وڻن پوکڻ لاءِ زمين جو انتخاب

مختلف وڻن ۾ جدا جدا قسمن جي زمينن ۾ پرورش وڻن جي خوبي موجود هوندي آهي پر تنهن هوندي به پوکائيءَ جا ڪامياب نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ زمين جي خصوصيت کي نظر ۾ رکندي وڻن جو انتخاب هيٺين ريت ڪرڻ گهرجي.

(1) **موڪي زمينون:**

هن قسم جي زمين هر قسم جا وڻ اُپري ۽ اُسري سگهن ٿا، پر وڻن جا هيٺيان قسم وڌيڪ ڪامياب ٿيندا، جهڙوڪ: تالهي، توت، جمون، املتاس، ڪچنار، نم، بيد مشڪ، سمبل، سرنهه، ٻير، ارجن، ڪونوڪارپس ۽ ايپل ايپل.

(2) **ڪلرائيون زمينون:**

ڪلرائيءَ ٻنيءَ ۾ ٻير، سرنهه، بيد مشڪ، گدامڙي، ڪونوڪارپس، جهنگل جليبي نهايت آسانيءَ سان اُسري سگهن ٿا.

(3) **سم واريون زمينون:**

سم واري زمين ۾ جمون، بيد مشڪ، جهنگلي سرو، سرنهه ۽ ڪونوڪارپس پوکي سگهجن ٿا.

(4) **خشڪ ۽ واراسيون زمينون:**

انهن زمينن ۾ ڪنبي، ٻير، آسري لئو، لوهيرو ۽ ڪور پوکي سگهجن ٿا.

(5) **ساموندي علائقن واريون زمينون:**

اهڙين زمينن ۾ ارجن، جمون، بيد مشڪ، ايپل ايپل ۽ ڪونوڪارپس ڪاميابيءَ سان پوکي سگهجن ٿا.

وڻن جي موسم: وڻن، ٻيجن ۽ قلمن پوکڻ جي موسم بهار جي ڀڄڻ کان وٺي خزان جي اچڻ تائين ٿيندي آهي.

ٻوٽن ۾ قلمن پوکڻ جو طريقو

جيڪڏهن پلاسٽڪ جي ٽيلهيءَ ۾ پوکيل هڪ سال جي عمر تائين ٻوٽي کي ڪنهن به جاءِ تي لڳائڻو هجي ته پوءِ ان لاءِ جيڪو ڪڏو کوٽبو، ان جو قطر ۽ اونهائي تقريباً ڏيڍ فوٽ هجڻ گهرجي ۽ ان جي ڪڏي کي نرم ۽ زرخيز مٽيءَ سان اڌ اوچائيءَ تائين پري، پوءِ ٻوٽي کي ٽيلهيءَ سميت ان ڪڏ جي وچ ۾ پورجي، پر پورجڻ کان اڳ تيز چاقو يا بليڊ سان ان ٽيلهيءَ جي تري کي چير ڏئي ڇڏجي، جيئن ان ٻوٽي جي پاڙ آساني‌ءَ سان زمين ۾ داخل ٿي سگهي. بعد ۾ ان ٽيلهيءَ جي پاسن واري مٽيءَ سان ايترو پرجي جيئن ڪڏي ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار انچ پاڻي ڏيڻ لاءِ جاءِ خالي رهي.

قلم پوکڻ جو طريقو

جنهن جاءِ تي قلم پوکجي، ان جي پهريائين سٽي نموني گڏ ڪري زمين کي نرم ڪجي، تنهن کان پوءِ اٽڪل هڪ فوٽ اونهو کوٽجي، جنهن جي وچ ۾ نوڪدار لوهي سيخ سان سوراخ ڪري ان ۾ قلم ايترو اندر داخل ڪجي جو انهيءَ قلم جي پاڙ اُن سوراخ ۾ پوري طرح سمائجي وڃي. ان کان پوءِ قلم جي پاسن واريءَ مٽيءَ کي ايترو دٻائجي جيئن ان ۾ ڪو خال نه رهي. ان ڪڏي جي اٽڪل ۴ انچ اوچائيءَ ۾ جاءِ خالي ڇڏجي ته جيئن ضرورت موجب ان کي پاڻي ڏئي سگهجي.

پوکائيءَ کان پوءِ ٻوٽن جي سنيال

حقيقت اها آهي ته ٻوٽن پوکڻ جو اصل مقصد تڏهن حاصل ٿيندو، جڏهن پوکائيءَ کان پوءِ صحيح نموني ۾ ٻوٽي کي پٽجڻ، وڌجڻ ۽ چرائيءَ کان بچائجي ۽ وقت سر ان کي پاڻيءَ واري کاڌ خوراڪ ميسر ڪجي.

پلاسٽڪ جي ٻوٽري ۾ ڪي پوکڻ جو طريقو

۱۔ ٻوٽري ۾ ڇا وجھڻ گھرجي؟

۱ واري ۾ پاڻ جي برابر برابر مرحب ڏاھڻ سان ڀرڻ خوب ڦڻندو آھي ۽ ان مرحب ٻوٽري مٿي ملائي سڀ مرحب ۾ ھڪ قسم جي جان پيدا ٿيندي آھي.

ب۔ ھيٺ ڏنل ٻوٽو، پنن جو پاڻ ۽ پنن جو پاڻ به مرحب ۾ ڏاھڻ ڏي سمجھي لو.

ج۔ مرحب ڏاھڻ بعد اڌي ڇاڻي اُن سان غير ضروري ٽيون ڏيئن ڏھرجن.

۲ ٻوٽري پوکڻ جو طريقو.

ا۔ پلاسٽڪ يا لوھي قيف جنھن ۾ سائين ٻوٽري برابر ھجي ان جو ھجڻ ضروري آھي.

ب۔ قيف کي ٻوٽري جي منھن ۾ وجھڻ گھرجي

ج۔ مضبوطي سان جھلي مرحب جي پويري ۾ قيف کي ميان کان مٽي ڪڻي مرحب پوکڻ گھرجي



۳۔ ٽيلهي ڪي دٻائي پوکڻ جو طريقو.

ا۔ ٽيلهي پوکڻ لاءِ ھڪ دفعا زمين تي ٽپڪي ڏجي جيئن مرحب صحيح ٿوڻي پھچي جاءِ ڪري.

ب۔ ھاڻي ٽيلهي کي ڇڪ کان پڪڙي زور ڏجي جيڏو ڦن مرحب سڪ پريل ھوندو ٽيلهي ۾ آڱرين جا نشان ڏسي پوندا. جيڏو ڦن ٽيلهي ۾ مٽي باھر نڪري اچي تہ پوءِ سمجھو ڪھرجي ٽيلهي صحيح صحيح ٿوڻي پريل نہ آھي. ۽ انکي ٻيھر پوکڻ گھرجي.

۴۔ ٽيلهي ڪي ڪيترو پوکڻ گھرجي؟

ا۔ ٽيلهي کي پوري مٽي ٿوڻي ڏيئن پوکڻ گھرجي ڇنڪ ڪري ٻاڦ پوکڻ سان تفريحا ڇڪ مرحب ھيٺ ھجي ويندو.

ب۔ جيڏو ڦن ھن ٽيلهي کي مٽي ڏيئن نہ پر پوتہ انجو مٽيون ھجوم ڏي پوندو. جنھن ڪري پوٽو صحيح نشونما ڪري نہ سگھندو.



ٹیلھي واري پوٽي لڳائڻ جو طريقو.

پمريون قدم: کڏ جهڻ کوٽائي.

پمريون قدم

کڏ ايترو ته ٻڌڻ گهرجي جيڪا اوڀاري پوٽي ڪُل ٻڌي سگهي
فرق ايترو هجڻ گهرجي ته کڏ وچ ۾ ٿورو ڏيئر هجي ۽ ڪنڊون
ان جو ريج گهٽ ٽيڙو ۽ هلندو هجن.
کڏ جي ڪِل: هر هڪ کڏ ۱۵ سينٽي ميٽر اونهو ۽ ۱۵ سينٽي ميٽر
۱۵ سينٽي ميٽر ڪشادو هجي.

ٻيو قدم: پوٽر ۾ پوٽي ٻوٽڻ جي تياري.



ا۔ پوٽر ۾ جيڪي هيٺيون سوراخ آهن تن کي پوٽر ۾ ٻاهران ڪپڙي
ب۔ بعد ۾ پوٽر ۾ جيڪي ميڊيا وجهڻ گهرجي.

ٽيون قدم: ٽيلهي واري پوٽي کي زمين ۾ ڪرڻ جو طريقو


ٽيون قدم

ٽيلهي کي هٿ سان مٿي ملائي هلڪي کڏ جي اندر ڪرڻ گهرجي
جيئن پوٽي جو ڪڍڻ وارو ڪنڊو زمين ۾ اندر ڏي وڃي ۽ ٻيو
پاسيون سوراخ زمين ۾ ٻاهر ڏي رهي.

چوٿون قدم: آخري مرحلو.



ا۔ ڪوئل مٽي ۽ ميڊيا کي کڏ ۾ وجهي ۽ هڏ هٿ کڏ ۾ هيٺ
وڃي ته پوءِ ٽيلهي کي آهستي آهستي ٻاهر ڪڍڻ گهرجي.
ب۔ پوٽي جي آسپاس وارو مٽي کي پڪڙي پير جي ڏٻ يا هٿ
آهستي آهستي دٻائڻ گهرجي. جيئن کڏ ۾ موجود هوا ان پوٽر ۾
مٽي وجهي کڏ ۾ ڀي سڄي ڪُل زمين جي سطح ۽ ان ٿورو هيٺ رکي
جيئن اڃ جذب ٿي پوٽر ۾ وڃي سگهي. اگر سخت ٿي سگهي ت
پوءِ جيڪي پوٽا مٽي ۾ وارو ڪرڻ ۽ وجهي هڏ هٿ جيئن پوٽي
کي سڌو هجڻ ۾ شروع ٿي وڃي.

نم

نم

تعارف:

نم خشڪ علائقي جو هڪ قيمتي وڻ آهي. جتي ان جي فائدن کي نظر ۾ رکندي وڏي انگ ۾ پوکيو ويندو آهي. هن جو گهاٽو ڇت ٽڏي ڇانو ڏيندڙ آهي. جنهن جي ڪري ان کي رودن، رستن ۽ ڳوٺن ۾ مختلف هنڌن تي پوکيو ويندو آهي. ان کانسواءِ هن جي ڪائي سُري ۽ اُڏوهي کان بچڻ جي صلاحيت رکي ٿي. هن جي ڪائيءَ کي مختلف مقصدن لاءِ پڻ ڪم آندو ويندو آهي. هن جي پارڻ کي به پسند ڪيو ويندو آهي. نم جا پن ۽ ميوو پنهنجي اندر جيت مار اثر رکن ٿا. جنهن جي ڪري کل (چمڙي) جي بيمارين جي علاج ۽ رت جي صفائي لاءِ انهن جو واهپو عام آهي. هن جو ڏندڻ ڏندن ۽ مهاڙن جي حفاظت لاءِ گهٽو ڪري سڏو سمجهيو ويندو آهي. نم جي پن ۽ ٻج ۾ ڪجهه ڪيميائي جزا ڪيترن ئي قسمن جي جيتن کي ويجهو اچڻ نه ٿا ڏين. اهوئي سبب آهي جو نم جي پن کي چانورن ۽ گرم ڪپڙي جي بچاءُ لاءِ ديسي طريقي طور ڪتب آڻڻ سستو ۽ ڪارآمد آهي.

فصلن ۽ رهائشي علائقن کي هاڃو رسائيندڙ جيتن کي ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ ڪيميائي دوائن جو استعمال پنهنجي ماحولياتي هاڃن جي ڪري اٽوٽندڙ آهي ۽ ڪيترن ئي ملڪن ۾ ان استعمال کي ٻنجو ڏنو ويو آهي ۽ جيتن کي ڪنٽرول ۾ رکڻ جي لاءِ ڪيترن ئي ٻوٽن جي قدرتي جزن مان فائدو ورتو پيو وڃي. انهن ٻوٽن ۾ نم تمام اهم آهي انهن ٻوٽن جي جزن کي جدا ڪرڻ ۽ انهن جي ڪيميائي سڃاڻپ ۽ تجربي ڪرڻ ڪانپوءِ انهن کي هٿرادو نموني تي به تيار ڪيو ويندو آهي.ڳالهه جو امڪان موجود آهي ته جيت مار پائيريٿرائيڊ دوائن جيان نم مان به وڏي پئماني تي دوائون تيار ڪيون وڃن ٿيون. ان جي ابترڻ نم جو ٻوٽو گهٽي حد تائين گرمي جي سهپ رکي ٿو. پر گرم علائقا هن جي واڌ ويجهه لاءِ وڌيڪ

ڪارائتا آهن. انهن علائقن ۾ اونهاري جي مند ۾ وڏ ۾ وڏ گرمي اڪثر پنجاهه ڊگري سينٽي گريڊ کان به وڌي ويندي آهي.

(1) **موسمي گهرجون:**

قدرتي طرح نم ننڍي کنڊ جو ٻوٽو آهي، پر پنهنجن گهٽن فائدن ڪري هاڻي هي دنيا جي گهٽن ئي گرم ملڪن ۾ به متعارف ٿي چڪو آهي.

(2) **گرمي جو درجو:**

نم جي ٻوٽي جي واڌ جي لاءِ گرم آب و هوا گهرجي ٿي، برف جمڻ واري نقطي تائين ٿڏ هن کي هاجو رسائي ٿي ۽ ان کان ڪي درجا گهٽ ٿڏ ۾ ٻوٽا مري وڃن ٿا. سرديءَ سبب ننڍن خاص ڪري هڪ ٻن سالن جي عمر وارن ٻوٽن کي وڌيڪ نقصان ٿئي ٿو ۽ نم ۵۰ سينٽي گريڊ تائين گرمي برداشت ڪري سگهي ٿو.

(3) **مينهن/ آبپاشي:**

وچ ۽ ڏکڻ هندستان ۾ جتي سالياني مينهن سراسر ارڙهن کان پنجيتاليهه انچن تائين پوندو آهي، نم جو وڻ آبپاشي کان سواءِ به چگي طرح وڌي ٿو. پاڪستان جي گرم علائقن ۾ جيئن ته مينهن سراسري تمام گهٽ پوي ٿو، آبپاشي جي ضرورت وڌي وڃي ٿي، پر جتي زمين اندر پاڻي جي سطح ڪجهه مٿاهين هجي ته پوءِ آبپاشي جي ضرورت رڳو ننڍن ٻوٽن کي هوندي آهي. ان کان سوءِ نم جو وڻ برسات کان اڳ جي گرم ۽ خشڪ مند ۾ نقصان ڪٽ کان سواءِ سهپ جي سگهه ۽ صلاحيت رکي ٿو.

(4) **زمين:**

زمين جي لحاظ کان نم جي سهپ چگي آهي ۽ سڀني زمين کان سواءِ گهٽ گهري، واريائي، ڪجهه چيڪي، پٽرائين ۽ ٿوري سم ۽

کلر واري زمين تي به هي وڻ کامياب سان بوکي سگهجي ٿو.

(5) نسل جي واڌ ويجهه:

نم جي ٻوٽن کي تيار ڪرڻ جي لاءِ بج تي ٻي پاڙڻو ٻوندو آهي. اڪثر هن جا ٽاٽ ٻوٽا جڪيءَ سميت ٻوکيا ويندا آهن يا وري ڪوندين يا پلاسٽڪ جي نيلهين ۾ ٻوٽا برسري جي سطح تي تيار ڪيا ويندا آهن. مشاهدو ڪيو ويو آهي ته شيشم جي قلم جيان نم جي پاڙ جو قلم سنا سنيجا آڏو اٿي ٿو. شرط اهو آهي ته تيار ڪرڻ کان پوءِ انهن کي ترت ٻي پوکيو وڃي

نم جي گهٽ عمر وارن وڻن (اٽڪل پنجن کان ويهن سالن تائين) جي ڇانگ کان پوءِ انهن جي سندن مان وڏي انگ ۾ نوان گوٺ ڦٽن ٿا، جن مان ٻيو فصل حاصل ٿي سگهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ته وڻ جي ٽُڪيل پاڙن مان به ٻوٽا ڦٽي نڪرندا آهن. ٻر نم جي لاءِ ته قلم نسل جي واڌ ويجهه لاءِ استعمال نه ٿا ڪري سگهجن.

(6) بج جو حصول:

بهار جي موسم جي آخر ۾ نم جي پراڻن ٻنن جي جٽاڻ سان گڏوگڏ نوان پڙ نڪرڻ شروع ٿين ٿا ۽ مارچ ۽ اپريل جي مهينن ۾ ٿين سيني نوان پن نڪري اچن ٿا، اڇي رنگ جا نوان نوان گل مارچ کان وٺي مئي مهينو تائين نڪرندا رهن ٿا. جن مان ماکيءَ جي خوشبوءِ ايندي رهندي آهي. ان ڪان پوءِ نم جو ميوو ڇڪجي حي صورت ۾ جون کان آگسٽ مهيني تائين ٿئي ٿو. جنهن کي اسان نموريون به چوندا آهيون. هر نموريءَ ۾ بج هوندو آهي. گهٽو ڪري نم جو وڻ پنجن يا ڇهن سالن جي عمر ۾ ڪارائتو بج ڏيڻ لڳندو آهي، جيئن ته نم جو بج پهنجي ڦٽڻ جي سگهه وڌيڪ دير تائين قائم نه ٿو رکي سگهي. ان ڪري ان کي ڪاميابي سان پوکڻ جي لاءِ ان جو پڪل بج وڻ مان چنڻ کان ترت پوءِ پوکڻ ضروري آهي.

(7) نرسري جي تياري:

انبن ۽ ڪاروڻ جيان نم جو بج تازو پوکيو ويندو آهي. جيئن ته هي سدائين سائو رهڻ وارو وڻ آهي ۽ گهٽو ڪري چڪيءَ سميت ٻي پوکيو ويندو آهي تنهن ڪري هن جي نرسري پوليٿين جي ٿيلهين يا مٽي جي ڪوندين ۾ هٽي سگهجي ٿي. ٿيلهن کي پڻ جي پاڻ مليل مٽي ۽ واري سان پريو ويندو آهي. هرهڪ ٿيلهيءَ ۾ هڪ بج وجهي بج جي ٿولهه مطابق مٽي وڌي ويندي آهي ۽ ترت پوءِ ڦوهاري سان پاڻي ڏيئ گهرجي. نم جو بج اٽڪل هڪ هفتي کان پوءِ ڦٽڻ شروع ٿيندو آهي ۽ اهو عمل اٽڪل 28 ڏينهن تائين مڪمل ٿي ويندو آهي.

خيال رکڻ گهرجي ته ڦوٽهڙي دوران ٿيلهيءَ واري مٽي آلي هجي. جڏهن ڦوٽهڙو مڪمل ٿي وڃي ته ان ڀڳالهه جو خيال رکڻ کپي ته غير ضروري گاهه ۽ ٻيا ٻوٽا ٿيلهي مان ڪڍيا وڃن، نه ته نم جي ٻوٽي جي مرڻ جو خطرو آهي. ننڍڙي ٻوٽي کي ڪوهيڙي کان بچائڻ ضروري آهي. ڇو ته ڪوهيڙي ۾ اهڙا ننڍا ٻوٽا مري ختم ٿي ويندا آهن. ان ڪري انهن ٻوٽن کي ڍڪڻ کانسواءِ سياري ۾ پاڻي جي ضرورت پوندي آهي، پر ضرورت کان وڌيڪ آلي مٽي ٻه ٻوٽن کي نقصان رسائيندي آهي. ان سان گڏوگڏ هن ڀڳالهه جو خيال رکڻ ٻه ضروري آهي ته ننڍن ٻوٽن کي اُس جي گهٽي ضرورت پوندي آهي. اهڙي اُس انهن کي تڏهن ملي سگهي ٿي، جڏهن ان سان گڏ ڦٽڻ وارن ٻين ٻوٽن ۽ گاهن کي ختم ڪيو وڃي. ائين ڪرڻ سان ٿيلهين ۾ پيل مٽيءَ مان ٻوٽن کي خوراڪ ٻه وڌيڪ ملندي رهندي.

8- ٻوٽي پوکڻ جو طريقو:

نم کي پوکڻ جا ٻه طريقا آهن، هڪ ته نرسري ۾ تيار ڪيل ٻوٽن کي زمين ۾ ڪڏو ڪوٽي ٿيلهي جو ترو وڍيو ويندو آهي ۽ پوءِ ڪڏي ۾ ٿيلهي رکي چوڌاري چڱي ريت مٽي پري

ويندي آهي. جنهن کان ترت پوءِ پاڻي ڏنو ويندو آهي. ٻيو طريقو قلم هٽڻ جو آهي. هڪ سال جي عمر واري ٻوٽي جي پاڙ جو 6 انچ حصو ۽ تاري جو 3 انچ حصو وڍي قلم ناهيو ويندو آهي، جيڪو سڌو سنئون آليءَ متيءَ ۾ هنيو ويندو آهي. قلم کي پوکڻ کان اڳ ۾ لوهه جي سيخ يا آڳر جيتري ٿلهي ڪاڻي سان آليءَ متيءَ ۾ سوراخ ڪيو ويندو آهي. ان کان پوءِ ان ۾ قلم پوکيو ويندو آهي. ٽيون طريقو هر ڪاهي پاڻيءَ ڏيڻ بعد سڌي ٻيجاري وارو آهي. ان کان پوءِ هڪ هفتي تائين ان متيءَ کي آلو رکيو ويندو آهي. جيستائين بج ڦٽي باهر نڪري نه اچي.

(9) ٻوٽن جي واڌ ويجهه:

پهرين سال واڌ ويجهه جو عمل سست هوندو آهي. پر ايندڙ سالن ۾ ان جي مقابلي ۾ وڌيڪ ٿي ويندو آهي. هن جي واڌ ويجهه لاءِ غير ضروري گاهه ۽ ٻوٽن کي ختم ڪرڻ نهايت ضروري آهي. هيءَ ڀگالهه مشاهدي ۾ آئي آهي ته نم جو ٻوٽو ٽئين سال اٽڪل 5 فٽن جو ٿي ويندو آهي. نم جو وڻ جيڪڏهن وڌيو وڃي ۽ ان جو ٽڙ زمين مان نه ڪڍيو وڃي ته ان مان شاخون نڪري ايندڙيون آهن. انهن مان سڌي ۽ بهتر شاخ کان سواءِ ٻين کي وڍي صاف ڪيو ويندو آهي ۽ انهيءَ ٽڙ مان نم جو هڪڙو ٻيو وڻ جنم وٺندو آهي. ان کان سواءِ جيڪڏهن ان جون پاڙون ٽڪيون وڃن ته اتان به نئون ٻوٽو نڪري نروار ٿيندو آهي.

(10) نم جي واڌ ۽ استعمال:

هيءَ ڀگالهه مشاهدي ۾ آئي آهي ته سڄي زمين تي، جتي پاڻي ۽ مناسب هجي اتي 15 سالن جي عمر ۾ نم جو وڻ اٽڪل 4 فٽ جو ٿي وڃي ٿو. نم جي ڪاڻي سڙي ۽ اهڙي قسم جي ٻين جيتن جي حملن کان بچاءُ جي سگهه رکي ٿي. هن جي ڪاڻي اڏاوتي ڪمن ۽ فرنيچر تيار ڪرڻ جي لاءِ استعمال هيڏ آڏي سگهجي ٿي.

نم حي بج ۾ تيل سراسري 40% هوندو آهي جيڪو ٻارڻ ۽ مسبن کي سٽيو رکڻ لاءِ استعمال ٿي سگهي ٿو. نبل کڏ کانپوءِ نم حي بچيل کڙ سنو پاڻ تصو. ڪئي ويندي آهي هن مان تيل صابڻ ۽ جيوڙا مار دوائن جي صنعت کي گهٽو فائدو آهي هن جي بن ۽ بچن مان هڪ خاص قسم جو ڪيميائي مرڪب حاصل ٿيندو آهي جيڪو جيت ۽ مچرن و... ڪي پري رکي ٿو هن جي پن مان پيا ٻ گهٽا طبي فائدا آهن.

سفيدو (يوڪلپٽس)

تعارف:

يوڪلپٽس قدرتي طرح آسٽريليائي وڻ آهي، ان کنڊ ۾ آب و هوا مطابق هر علاقي ۾ هن جو ڪوبہ ڪو قسم موجود آهي. اڌڻي ريت گرم علاقن جي سڌائين ساون ٻيلن ۾ خشڪ آب و هوا وارن علاقن ڪانسواءِ ٽڏن پهاڙي ٻيلن ۾ هن جا ڪيترائي قسم موجود آهن. آسٽريليا ۾ هن جا اٽڪل پنج سؤ ڪن قسم ڳولي لڌا ويا آهن. جبڪي سڀ جا سڀ سدا بهار آهن ۽ انهن مان اڪثريت ڊگهي قد واڻ وڻن جي آهي. دنيا جي ڊگهي ۾ ڊگهن وڻن ۾ يوڪلپٽس جي وڻن جا ڪجهہ قسم بہ شامل آهن. هي وڏي تيريءَ سان وڌي ٿو ۽ هن جي ڪائي ڪارائتي آهي. هي هر قسم جي آب و هوا ۾ جيئري رهڻ وارو وڻ آهي. يوڪلپٽس دنيا جي سمورن کنڊن ۾ موجود آهي.

پاڪستان ۽ هندستان جي زمين تي پهريون ڀيرو يوڪلپٽس ٽيپو سلطان جي دؤر ۾ هندستان جي پهاڙي علاقن ۾ پوکيو ويو هو. جتي هي وڏي ڪاميابي سان وڌيو. ان ڪانپوءِ هندستان جي ٻين حصن ۾ هن جا مختلف قسم پوکيا ويا ۽ اڄ اهو وڻ پاڪستان جي سمورن صوبن ۾ موجود آهن. مقامي طرح هن جا ڪيترائي نالا آهن. پنجاب ۾ سفيدہ، سرحد ۾ لاڇي ۽ سنڌ ۾ بيدمشڪ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

(1) خاصيتون:

بيدمشڪ جو وڻ پاڪستان ۾ پوندڙ گرمي ۽ سخت ٺڻ ڪي وڏي خوشي سان سهڻ جي سهپ رکي ٿو. پنجاب ۽ سرحد جي باراني علاقن کان سواءِ صوبي جي واهي علاقن ۾ وڏي ڪاميابي سان پوکي سگهجي ٿو. هن جا ڪجهہ قسم سم ۽ ڪلر واري زمين ۾ بہ پوکي سگهجن ٿا. هي وڻ زمين جي هر قسم جهڙوڪ

ڪچي پکي ۽ واريا سي مٽي ۾ ڪاميابي سان وڌي ٿو. هي وڻ تيزي سان وڌڻ وارو وڻ آهي. جيڪو ڪائي جي استعمال جي حوالي سان پنجن کان پندرنهن سالن جي عمر ۾ وڌي سگهي ٿو. وڻ جي وڌڻ کان پوءِ هن جي ٽڙ مان گهٽا نوان گونچ ڦٽي نڪرن ٿا. سهٽي نموني سان وڌڻ وارن گونچن کان سواءِ باقي ٻين کي وڍي چڏجي تہ نوان ٻوٽا لڳائڻ کان سواءِ ئي ٻيو فصل حاصل ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ خاصيت سبب نئين فصل جي تياري پاڻي ۽ ننڍي فصل جي بچاءَ تي ٽينڊڙ خرچ ۾ خاصي گهٽتائي اچي ٿي ۽ اهڙي نموني بچت ٿي وڃي ٿي.

بيدمشڪ جو ڪاٺ ڪاغذ ٺاهڻ جي لاءِ ڏاڍو سٺو آهي. ان کان سواءِ ان مان پلاءِ وڍڻ، چپ بورڊ ۽ هارڊ بورڊ تيار ڪيو ويندو آهي. بيدمشڪ جي ڪائي هڪ سٺو ٻارڻ ٿڻ آهي ۽ ان مان اعليٰ قسم جو ڪوئلو ۽ حاصل ڪري سگهجي ٿو. يوڪلپٽس جي اڪثر قسمن جي پنن ۾ خوشبوءِ وارو تيل ۽ موجود هوندو آهي. جنهن کي عرق ڪڍڻ واري عمل کان پوءِ نج بج حالت ۾ حاصل ڪيو ويندو آهي. اهو تيل دوائن، عطر ٺاهڻ ۽ صنعتي استعمال هيٺ ۽ آندو ويندو آهي ۽ ان جو ملهه ۽ موچارو آهي. بيدمشڪ جي پوک تيل جي صنعت لاءِ بهتر ۽ آهي.

تيزي سان وڌڻ، گهٽ ڇانو ۽ سخت جاني سبب هي وڻ، زرعي زمين تي وٽڪاري ڪرڻ جي لاءِ نهايت ئي بهتر آهي. انهن خوبين کان سواءِ هن جي سهٽي شڪل ڪري شهرن، باغن ۽ روڊن رستن جي ڪناري سونهن لاءِ ۽ هنيو ويندو آهي.

(2) **قسم:**

پاڪستان ۾ بيدمشڪ جا چار قسم وڌ کان وڌ پوکيا وڃن ٿا. جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

(الف) **يوڪلپٽس ڪميلڊولنسز** (Eucalyptus Camadulensis)

وٹن جي تعداد جون زمين جي ايراضي جي لحاظ کان هي قسم

وڏي تعداد ۾ يوڪيو وڃي ٿو، جو تہ آسٽريليا جي مختلف علائقن مان حاصل ڪيل هن جون مختلف جنسون پاڪستان جي وڏ ڪان وڏ حصن ۾ ڪاميابي سان پوکيون وڃن ٿيون. وڏڻ ۽ پيداوار جي حوالي سان هي قسم سڀني کان اڳيرو آهي. باراني علائقن ۽ زرعي زمين تي اهو قسم سڀ کان وڌيڪ پوکيو وڃي ٿو ۽ زميندارن ۾ خاصو مقبول آهي. گرمي جي شروع وارن ڏينهن ۾ هن جي ڏارن تان وڏ ڪان وڏ ڇوڏا يا ڪل لهڻ شروع ٿي ويندي آهي.

(ب) يوڪلپٽس ٽيريٽي ڪورنس (E. tereticornis)

هي قسم اڳ ٻڌايل قسم سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. تڏهن ہ ميداني علائقن ۾ هن جي ٽڙ جي سڌائي ۽ وڏڻ جي رفتار يوڪلپٽس ڪميلڊ ولينسز جي پيٽ ۾ گهٽ آهي. اهو قسم گهٽ گرمي ميداني علائقن ۾ چار پنج هزار فٽن تائين اوچين پهاڙين تي بهتر ثابت ٿيو آهي. هن جي پن ۾ خوشبودار تيل جي شرح اڳ ٻڌايل قسم جي پيٽ ۾ وڌيڪ آهي. هن جي ٽارين ۽ گهٽ عمر جي ڏارن ۽ ٽڙ مان ڇوڏا لهندا آهن. ٽن چئن سالن کان وڌيڪ عمر جي ٻوٽن جو ڇوڏو ڪڙ درو ۽ پوري رنگ جو ٿيندو آهي.

(ج) يوڪلپٽس سٽري اوڊورا (E. Citriodora)

هي قسم سينگار ۽ سونهن جي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. جو تہ هن جو اڇو رنگ وارو سڏو ۽ نرم ڪل وارو ٽڙ هلڪي ڇتي ڏاڍي سهڻي هوندي آهي ۽ ٻين ٻوٽن تي گهٽ ڇانو وجهندو آهي. هنجي پن کي مهڻ سان ڪٽي جي پن جهڙي خوشبوءِ ايندي آهي.

موسم جي شروع ٿيڻ سان اهڙي قسم جي وٽن جي سمورين ٽارين ۽ ٽڙن مان زمين جي سطح تائين گذريل سال جي ڪل مڪمل طرح لهي ويندي آهي ۽ نئين ڪل پيدا ٿيندي آهي. ڪن ملڪن خاص ڪري برازيل ۾ هي قسم وڏي پيماني تي ٻارڻ حاصل ڪرڻ واري مقصد سان پوکيو ويندو آهي.

(د) يوڪلپٽس مائيڪرو ٿيڪا (E. Microtheca)

هي قسم مٽي جاٽايل تنهي قسمن جي پيٽ ۾ آهستي وڌڻ رو ۽ قد ڪاٺ جي لحاظ کان بہ گهٽو گهٽ آهي. ۾ مٽي ٻڌايل قسمن جي پيٽ ۾ وڌيڪ سخت جان آهي ۽ پاڪستان جي سمورن ميدانی ۽ نيم پهاڙي علاقن لاءِ بهتر آهي. هي قسم ڪلر ۽ حسڪي ڪي خوشی سان سهي وڃي ٿو. جنهن جي ڪري گهٽ صلاحيت رکندڙ زمين ۽ پاڻي جي بنهہ ٿوري مقدار وارن علاقن ۾ ڪاميياب آهي. هي وڻ بارڻ لاءِ بهتر آهي هن جي پن تي ڪاراڻ ل ڪل هوندي اهي. جيڪا لهندي ۽ آهي ۾ مٽانهين وارين حن ناں ٿوري گهٽي لهندي آهي.

(ڏ) ٽڪاري:

ٻيدمشڪ جي وٽڪاري جي لاءِ نرسري ۾ تيار ڪيل سالمر ٻوٽا ستعمال ڪيا ويندا آهن، اهي ٻوٽا پوليٿين جي ٿيلهين ۾ رکيا ويندا آهن ۽ انهن جي عمر 6 مهينن کان ڏيڍ سال تائين هوندي آه

پاڻي جون مناسب سهولتون موجود هجن تہ ٻيد مشڪ جي وٽڪاري سال جي کهڙي بہ موسم ۾ ڪري سگهجي ٿي. ٻي صورت ۾ بهار ۽ مينهوگي جي مند ۾ ڪيل وٽڪاري جي ڪاميابي جا امڪان روشن هوندا آهن. گهٽ ۾گهٽ هڪ فٽ ڊگها ٻوٽا حن جي پوري ٽڙ تي پن موجود هجن سي وٽڪاري جي لاءِ وڌيڪ بهتر هوندا آهن. جو تہ انهن جي پاڙن ۾ توانائي وڌيڪ هوندي آهي ۽ زمين جي اندر مناسب انداز ۾ انهن جي پکڙجڻ جا امڪان ڏن ٻوٽن جي پيٽ ۾ وڌيڪ هوندا آهن. تنهن هوندي بہ ڇہ انچ کان ڏيڍ فٽ ڊگها ٻوٽا وٽڪاري جي لاءِ بهتر سمجهيا وڃن ٿا. وڌيڪ ڊگهن ٻوٽن جي توانائي هن جي پيٽ ۾ گهٽ هوندي آهي ۽ انهن جون پاڙون عام طرح هڪ ڇڪي جي شڪل اختيار ڪري ويندیون آهن. جنهن جی ڪري اهڙن ٻوٽن جي وڌڻ جي شرح گهٽ

هوندي آهي ۽ اهي ناڪام ٻه ٽي سگهن ٿا.
وڌيڪ ڏگها ٻوٽا گهٽو ڪري جهڪيل رهندا آهن آسٽريليا جي ٻيلن جي ماهرن جي مشاهدي مطابق برسري ۾ وڌيڪ ڏگهن وڻن کي کهن سڌي ڪاٿي بغير سهارو ڏئي پوکڻ بدران ان جي ٽڙ جي ڇهه انچ کان نو انچ ڏگهائيءَ تي ويڙ کان پوءِ پوکڻ سنو ٿيندو. اهڙي ريت پاڙ ۽ ٽڙ جو توازن ٻه بهتر رهندو.

ڪامياب وٽڪاري کان پوءِ ٻوٽا وڏي تيزي سان وڌڻ لڳن ٿا ۽ انهن جي چوڌاري ڪيترين سنهيون شاخون نڪرڻ شروع ڪن ٿيون، گهٽو ڪري انهن شاخن کي وڍيو ويندو آهي. اهو عمل ٺيڪ نه آهي اهڙي عمل ڪرڻ سان ٻوٽا ڪمزور ۽ اهي هوريان هوريان وڃن ٿا ۽ اهي ٽيڏا ٻه ويندا آهن. اصل ۾ اهي سنهيون شاخون ٻوٽي جي واڌ ويجهه لاءِ اٿتر آهن ڇو ته:

(الف) انهن تي موجود پن جيڪي خوراڪ ڪن ٿا. اهي ٻوٽن جي پاڙن کي گهرائي، پکيڙ ۽ واڌ ۾ مدد ڏين ٿا. جنهن جي ڪري ٻوٽا زمين مان وڌيڪ مضبوط ڪن ٿا.

(ب) انهن شاخ مان ملندڙ خوراڪ ٻوٽي جي چوٽي کي ٻه سگهه ملي ٿي. جنهن جي ڪري ٻوٽي ۾ عمودي ٻه واڌ وڌي اچي ٿي.

(ج) انهن لامن ۽ انهن تي موجود پن سبب ٻوٽي جي ڇت جو وزن ٻه وڌي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ ٽڙ جي ٽولهه ۾ واڌ اچي ٿي ۽ اهو مضبوط ٿئي ٿو.

(د) اهي ٽاريون ٿوري وقت لاءِ گهربل هونديون آهن. انڪري ٻوٽي جي واڌ ۽ مٿين حصي ۾ نئين ٽارين جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ هيٺيون شاخون قدرتي طور سڪي هيٺ ڪري پونديون آهن ۽ ٽڙ پاڻ مرادو صاف ٿيندو ويندو آهي.

(ر) جيڪڏهن ٻوٽي ۾ ٽوري مٽائڻين تي هڪ کان وڌيڪ ٽڙن جي پدا ٿيڻ جو امڪان هجي تہ انهن مان بهتر شاخ کي چڏي باقي بين کي وڍي چڏڻ گهرجي.

(4) ٻوٽن پوکڻ جو طريقو:

کهڙي ۽ قسم جي زمين ۽ کهڙي ۽ قسم جي موسم ۾ بيدمشڪ جي ٻوٽي پوکڻ کان اڳ تيز چاقو يا بليڊ سان پوليٿين جي ٿيلهي کي بلڪل وڍي جدا ڪرڻ گهرجي. ان کان پوءِ تيار ڪيل ڪڏ ۾ چڪي کي اهڙي طرح رکيو وڃي جيئن ڪڏ ۾ مٽي وجهڻ کان پوءِ ٻوٽي جي پاڙ ۽ ٽڙ کي ملائڻ وارو حصو مٽي جي سطح تائين برابر اچي وڃي ٻوٽي جي صورت ۾ اهو حصو هڪ يا ٻہ انچ وڌيڪ هيٺ هٽڻ گهرجي. پر ڪنهن ٻہ صورت ۾ ان کي مٽي کان ٻاهر هجڻ نہ گهرجي. ڪجهہ نرسرين ۾ پوليٿين جي ٿيلهين کي ڦرڻ جي لاءِ پور مٽي استعمال ڪئي ويندي آهي. انهن ٿيلهين کي بلڪل ڦري رکڻ سان مٽيءَ جي وکڙڻ ۽ پاڙن جي اڳهاڙي ٿيڻ جو خطرو هوندو آهي. اهڙي صورت ۾ ٿيلهيءَ جو صرف ترو ٿي وڍي جدا ڪرڻ گهرجي. ٻوٽي پوکڻ لاءِ ڪڏ تيار ڪرڻ وقت جڙيون ٻوٽيون، پٿر ۽ گند ڪچرو بلڪل صاف ڪرڻ گهرجي. گاهہ ۽ ڊپ جي گهٽي جمڻ جي صورت ۾ ڪڏ جي چوڌاري گڏ ڪرڻ ضروري آهي. جو تہ بيدمشڪ پنهنجن سمورين خوبين جي باوجود گاهہ ۽ ڊپ واري زمين ۾ سنو لاءِ نہ ڏني سگهندو آهي. ڪڏي جي گهراڻي گهٽ ۾ گهٽ هڪ فٽ ۽ قطر ڏيڍ فٽ رکڻ گهرجي. مٽي واريا سي، چيڪي يا پٽرائين هجڻ جي صورت ۾ لٽ يا ميرا مٽي ڪڏي کي ڦرڻ جي لاءِ استعمال ڪئي وڃي. پاڻ وجهڻ جي ضرورت نہ آهي پر مٽي ڦرڻ کانپوءِ ٻوٽي کي گهٽ ۾ گهٽ چار گيلن پاڻي وجهڻ لاءِ ڪڏي ۾ گنجائش هجڻ گهرجي. مختلف قسم جي هنڌن تي ٻوٽن پوکڻ جا مختلف طريقا آهن، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

(الف) باراني علائقن ۾:

جيئن ته هتي آبپاشي جو نظام نه هوندو آهي ۽ هٽ سان پاڻي ڏيڻ مهانگو پوندو آهي. ٻوٽي پوکڻ جي لاءِ ڪڏ اهڙي طرح ڪوٽي وڃي ته جيئن مينهن جي پاڻي مان وڌ ۾ وڌ فائدو وٺي سگهجي ۽ ان مقصد جي لاءِ ٻوٽي هٽڻ کان پوءِ ڪڏي جي چوڌاري مٽي اهڙي طرح وڌي وڃي ته ان جو پاڻي ڪڏي ۾ اچي سگهي ۽ ٻوٽي جي هيٺاهين لاهي ۾ گول مٽيءَ جو بند ٺاهڻ گهرجي. جيئن ڪڏي ۾ اچڻ واري پاڻي کي ڪڏي ۾ روڪيو وڃي.

(ب) ميداني علائقن ۾:

جتي پاڻي جون سهولتون موجود هجن اتي بيدمشڪ جا ٻوٽا هيٺين نموني سان پوکي سگهجن ٿا.

1- قطار ۾: اهڙي نموني سان جيڪڏهن دستي آبياري ڪرڻي هجي ته ٻوٽن کي ڪڏن ۾ پوکيو ويندو آهي ۽ ڪڏي ۾ پاڻي ڏيڻ جي گنجائش اڳ ٻڌايل طريقي جيان رکي ويندي آهي. ۾ مٽي ڪڏي جي چوڌاري هڪ بند جي شڪل ۾ رکي ويندي آهي. جيڪڏهن نالي جي وسيلي پاڻي ڏيڻو هجي ته ناليءَ جي ڪناري کان اٽڪل ٽي انچ هيٺ چڪي کان ڪجهه وڏو ڪڏو کوٽي ان ۾ ٻوٽو پوکڻ گهرجي.

2- جهڳٽي جي شڪل ۾: جهڳٽي جي لاءِ ٻوٽن کي پاڻي ٻارين ۾ ٻه ڏئي سگهجي ٿو ۽ اڏ جي وسيلي ٻه، جيڪڏهن ٻارا ٺاهيا وڃن ته پوءِ ڪڏن جي چوڌاري بند ٻڌو نه وڃي، ٻي صورت ۾ مٽي ڏنل (5) 1 مطابق پوکيا ويندا آهن.

3- سمر يا موسمي بيئل پاڻي وارو هنڌ: انهن هنڌن تي ڪڏن يا نالين بدران ٻوٽا مٽي جي هڪ يا ڏيڍ فوٽ مٿانهين ٽيهاريءَ تي پوکيا ويندا آهن ته جيئن گهر جي موسم ۾ ٻه ٻوٽي جي پاڙ کي ساهه کٽڻ جي لاءِ هوا ملندي رهي ۽ پوءِ هوريان هوريان ٻوٽي جون پاڙون زمين ۾ هيٺ ٻه لهندیون ويندیون آهن.

4- وٽي: تجرباتي طور تي بيدمشڪ جي پنج پنج فٽن جي وٽي تي

کامیاب وٹکاري کي وٹي آهي، پر ان صورت ۾ ڪي ٻوٽا ڏاڍي ويندا آهن. ان ڪري ڏاڍيري جي وٹکاري ڪرڻ جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 6 فٽ وٹي جي صلاح ڏني ويندي آهي. قطار ۾ ٻوٽن پوکڻ جي لاءِ پنج فٽ وٹي رکي ويندي آهي. ڇو ته قطار جي وچ واري وٹي وڌيڪ هوندي آهي.

زراعت سان گڏ مخلوط وٹکاريءَ لاءِ بيد مشڪ ٻنين جي ڪنارن تي ٻنين ۾ اندر ٽيهن کان پنجاهه فٽن جي فاصلي تي هٹڻ بهتر آهي.

(5) احتياط ۽ حفاظت:

ٻوٽي کي پنج ڇهه فٽ جي ڊگهائي تائين جڙين، ٻوٽن ۽ گاهن کان محفوظ رکيو ويندو آهي. ڇو ته ٻکريون ۽ ان بيدمشڪ جي ٻوٽي کي کائيندا آهن. ان ڪري ٻوٽن کي مال کان بچايو وڃي. وٹکاري واري ٽڪر کي باهه کان بچائڻ پڻ ضروري آهي.

(6) وڏندڙ پيداوار:

ڪنهن به وڻ جو ڪوبه هڪ قسم هر طرح جي حالتن ۾ هڪ جهڙي پيداوار ڏئي نه ٿو سگهي. اهڙي طرح بيدمشڪ جي ڪنهن هڪ قسم مان باراني، ميداني، درياهي علاقن يا گڏوڇر وٹکاري مان هڪ جهڙي پيداوار ملڻ جي اميد نه ٿي ڪري سگهجي، تنهن ڪوندي به تجربن ۽ مشاهدن مان هينان انگ اکر مليا آهن.

يوڪلپٽس ڪميلڊولينسز جي سنڌ ۾ پوکيل مختلف درياهي خيرن ۾ بيدمشڪ 5 x 5 فٽ کان 10 x 6 فٽ تي پوکيو ويو. انهن جهڻن مان ڪجهه ضرورتن جي لاءِ ننڍي عمر وارن ٻوٽن جي وڍائي يا ڇانگ ٽيندي رهي. ٻن کان سورنهن سالن جي عمر ڌين فصل جي نمائيندا حصن جي وڍائي ڪرڻ کان پوءِ مليل ڪائي جي مڪمل ماپ ڪئي ويندي رهي آهي. ان کان سواءِ ٻوٽن جي

سراسري ڊيگهه ۽ قطر جي ماپ ورتي وئي هئي. نهيءَ تجربي ۾ پنج سال وڏ ۾ وڏ گڏيل عمر هئي ٽنهي فاصلن تي پوکيل وڻن تي مشاهدا ڪيا ويا. هيٺ ماپ ۽ پيداوار جي پيٽ ڪئي وئي آهي.

وڻي	عمر	في ايڪڙ پيداوار	فد	سراسر قطر
5 x 5 فٽ	5 سال	1560 مڪعب فٽ	51 فٽ	15.3 انچ
10 x 6 فٽ	5 سال	1288 مڪعب فٽ	48 فٽ	15.3 انچ
10 x 10 فٽ	5 سال	1086 مڪعب فٽ	51 فٽ	15.85 انچ

اهڙي طرح ڏنو وڃي ٿو ته سنڌ ۾ درياهي ٻيلن ۾ سراسر سالياني پيداوار 1560 مڪعب في ايڪڙ حاصل ڪئي وئي. پين مشاهدن مان ظاهر ٿيو آهي ته جهه انچ قطر ۽ پنجاهه فٽ ڊگهي قد واري ٻيدمشڪ جي وڻ مان 4.3 مڪعب فٽ ڪاٺي ملي سگهي ٿي. جڏهن ته هڪ مڪعب فٽ سڪل ڪاٺي جو بار 18 ڪلوگرام ٿئي ٿو. تازي يعني آلي ڪاٺي جو وزن هن ڪان گهٽو وڌيڪ هوندو آهي. موجوده حالتن ۾ (1192) ڪاعد ٽاهڻ وارن ڪارخانن طرفان ٽيهه روپيا في من جي ملهه تي آلي ڪاٺي خريد ڪرڻ جي آڇ ڪئي وئي آهي انهيءَ ملهه ۾ وقت سان گڏوگڏ واڌ جو امڪان آهي. آليءَ ڪاٺيءَ جو وزن 9 ڪلوگرام في مڪعب فٽ ورتو وڃي ته مٿي حاڻايل وڻن تي پوکيل ٻيدمشڪ جو فصل ترتيب سان =/39421 روپيا، -/ 32548 ۽ =/27443 روپيا في ايڪڙ جي ڪل اپٽ ٿي سگهي ٿي. جڏڪا 6510، 7864 ۽ 5489 روپيا في ايڪڙ سالياني ٿئي ٿي.

(7) **پارڻ جي حوالي سان ٻيدمشڪ جي اهميت:**

مڪمل نموني سان پرڻ تي ٻيدمشڪ جي هڪ ڪلو گرام ڪاٺي 4800 ڪلو حراره مهيا ڪري ٿي.

سیمل

سيمل

تعارف

سيمل انتهائي خشڪ علائقن کي چڏي پاڪستان جي اٽڪل سمورن علائقن ۾ ٿيندڙ وڻ آهي. هن جو ٽڙ گول ۽ سڌو هوندو آهي ۽ هي پنهنجا پن سياري جي مند ۾ ڇاٽي چڏيندو آهي. هن جا ڏار دائري جي شڪل ۾ پکڙيل هوندا آهن. جنوري ۽ فيبروري مهيني ۾ قرمزي رنگ جي گلن ٽڙڻ ڪري هن کي زيبائشي وڻ جي حيثيت حاصل آهي. پهاڙي علائقن ۾ سيمل جي واڌ گهٽ ۽ ڏيگهه ميداني علائقن جي ٻيٽ ۾ گهٽ ٿيندي آهي. اهڙا علائقا جتي گرميءَ جو درجو 10 ۽ 40 سينٽي گريڊ جي وچ وارو هوندو آهي ۽ سالياڻو بارش 450 کان 4000 ملي ميٽر هجي تہ هي اتي قدرتي طور جنم وٺندو آهي.

(1) بج جو حصو:

سياري جي مند اچڻ کان پوءِ ڊسمبر ۽ جنوري مهينن ۾ هن جا پن چٽي پوندا آهن ۽ بهار جي مند اچڻ سان منجهس سهٽا گل ٽڙي پوندا آهن. سيمل مارچ مهيني تائين انهن گلن سان ٽمٽار هوندو آهي. مارچ ۽ اپريل جي مهينن ۾ هن جا نوان پن ڦٽي نڪرندا آهن ۽ گڏوگڏ هن جي بج جا ڏوڏا اپريل ۽ مئي مهينن ۾ پچي راس ٿي ويندا آهن. اهي ڏوڏا گهٽو ڪري وڻ سان گڏ ئي هوندا آهن تہ اهي ٽڙڻ شروع ٿي ويندا آهن ۽ بج جن جي چوڌاري گرم نرم ريشمي وار هوندا آهن. هوا ۾ پکڙجڻ شروع ٿيندا آهن. نرسري ۾ بج استعمال ڪرڻ کان اڳ هن جي چوڌاري موجود ريشمي وار لاهڻ گهرجن. 100 گرام وزن ۾ سيمل جا اٽڪل 3000 بج هوندا آهن.

(2) نرسري جي تياري:

عام طور تي ٻيلي ڪاتي ۽ سيمل جا قلم سولائيءَ سان ملي ويندا آهن ۽ اهي قلم هن وڻ جي عوام جي ضرورتن جي پورائي لاءِ ڪافي هوندا آهن. تنهن هوندي به بج مان هن جو ٻوٽو تيار ڪرڻ گهڻو سولو آهي. زميندار به پنهنجي گهرج آهر محدود پٹماني تي هن جي نرسري تيار ڪري سگهن ٿا.

سڀ کان اڳ ان ڀالهه تي ڌيان ڏيڻ گهرجي ته پوکڻ جي لاءِ استعمال ڪرڻ وارو بج پختو به هجي ۽ تازو به ڇو ته گڏيل سڌيل بج استعمال ڪرڻ سان نه رڳو ٻوٽن جو گهٽ تعداد جنم وٺندو، پر ٻارين جي جاءِ پوري طرح استعمال نه ڪرڻ ڪري انهن ۾ گاهه ۽ ٻيا اجايا ٻوٽا جنم وٺندا. انهيءَ مقصد جي لاءِ ڪوڪلن ۽ سڪل ٻجن کي جدا ڪيو وڃي ۽ ان ڀالهه جي پڪ ڪئي وڃي ته بج هڪ سال کان وڌيڪ پراڻو نه هجي.

بهتر ته ائين ٿيندو ته مئي مهيني ۾ گڏ ڪيل بج کي ان سال ٿي نرسري ۾ استعمال ڪيو وڃي. سيمل جي نرسري هٽڻ جي مند بج حاصل ڪرڻ کان ترت پوءِ يعني مئي جون ۾ شروع ٿي ويندي آهي. نرسري لڳائڻ کان اڳ زمين کي هر ڏٽي تيار ڪيو وڃي ۽ ان ۾ ڇيٽن جو ٻاڻ ۽ واهه جو لٽ وڌو وڃي ته بهتر ٿيندو. ان کان پوءِ زمين کي سڌو ڪري ڏيڍ فٽ ويڪريون ٻاريون ناهيون وڃن، جن جي وچ ۾ پاڻيءَ جون اڏون موجود هجن. سيمل جو بج سمورين ٻارين ۾ وجهڻ بدران انهن جي ڪنارن تي هڪ قطار ۾ پوکيو وڃي. اڏن ۾ پاڻي اهڙي طرح وهائڻ گهرجي جيئن بج واري مٽي آلي هجي. ٻارين جي ڪنارن تي پوکيل بج اڪثر ستن ڏينهن کان پوءِ ڦٽي نڪرندا آهن. جون ڌاري سڻي زمين تي هنيل نرسري جا ٻوٽا مينهن جي اڇڻ واري مند ۾ وٽڪاري جي ڪم اچي سگهن ٿا. جيڪڏهن انهن کي ڪوهيڑي کان بچايو وڃي.

(3) ٻوٽن پوکڻ جو طريقو:

سيمل بن طريقن سان بوکي سگهجي ٿو. سيمل جي پوکڻ جو معياري طريقو قلم هڻ وارو آهي. بهرحال پورو ٻوٽو ٻه پاڙن سميت کڏي کڏ ۾ پوکي سگهجي ٿو. جيکڏهن ٻوٽي مان قلم ٺاهڻ ضروري هجن تہ ٽاري مان 8 سينٽي ميٽر ۽ پاڙ مان اٽکل 22 سينٽي ميٽر ويڊي ٺاهي سگهجن ٿا. هي قلم جنهن جي کل ڊيگهہ 30 س م ۽ ٿولهہ اٽکل 2 س.م هوندي 22 سينٽي ميٽر جي گهري سوراخ ۾ جيکو آلي مٽيءَ ۾ لوهي سيخ سان ٺاهيو وڃي هميو ويندو آهي. قلم زمين ۾ هڻڻ کان ٻوءِ سوراخ جي چوڌاري مٽي کي ٻاڪو ويندو آهي.

واهن واري زمين ۾ ان کي ٻاڻي جي ٽ ۽ سڙڪن جي ڪنارن سان پوکيو ويندو آهي. ٻوٽن يا قلمن جي وچ ۾ مناسب وٿي رکڻ گهرجي. چو تہ سيمل ٻيزي سان وڌڻ ۽ ورونڊ آهي ۽ ويجهو پوکڻ سان فائدي وارو ٿاٻ نہ ٿيندو. ٻن قلمن وچ ۾ وچ واري وٿي گهٽو ڪري چار ميٽر رکي ويندي آهي. واهن وارن علائقن ۾ سيمل خاصي تيزي سان وڌندو آهي ۽ هن جي لاءِ خاص ڪري نرم ۽ گهري زمين بهتر هوندي آهي.

هيءَ گاليهہ مشاهدي ۾ آئي آهي تہ سيمل جي ٻوٽي جو وڌڻ ٻهرين سال گهٽ هوندو آهي ۽ عمر سان گڏ هن جي وڌڻ ۾ نکاڻ پيدا ٿي ويندي آهي. جون ۽ آگسٽ جي مهينن ۾ وڌڻ جي رفتار تيز هوندي آهي. سخت زمين سيمل جي واڌ ويجهہ تي اڳرا نيڀاءُ وجهندي آهي.

سيمل جي فصل کي ڪوهيڙي سبب هاڃو رسندو آهي ۽ اهڙا علاقا جن ۾ ڪوهيڙو پوندو آهي، اتي ٻوٽو زمين جي سطح تي ٿي مري ويندو آهي. پر اها فڪر ڪرڻ جي گاليهہ نہ آهي. چو تہ بهار جي ايندڙ مند ۾ هن ٻوٽي جي ٽڙ مان نوان گوڙ نڪري ايندا. ان ڪري ۾ بهتر ٿيندو تہ جون جي مند ۾ هنبل نرسري جا ٻوٽا بهار جي موسم ۾ هنيا وڃن، جنهن جا نتيجا بهتر هوندا. جيکڏهن

قلم بدران نرسري جو ٻوٽو پوکڻ ضروري هجي تہ اهو مارچ مهيني ۾ هٽڻ گهرجي. جڏهن انهن ٻوٽن تي ڦل نہ هجن، پر ان ڳالهہ جي پک ڪريو تہ ٻوٽي کي پاڻي باقاعدي ملندو رهي. جيئن مٽي آلي رهندي اچي.

(4) واڌ ويجهہ:

ٻوٽو يا قلم هٽن کان پوءِ هن جي نظرداري جو وقت اچي ٿو. پاڻي هر ٻوٽي جي ضرورت هوندو آهي. پاڻي ايترو نہ ڏنو وڃي جيڪو زمين تي ئي بيهي رهي. انهيءَ سان ٻوٽي جي مرڻ جو انديشو آهي. انهيءَ ڳالهہ جي پک ڪريو تہ مٽي آلي رهي. اهو ئي سبب آهي جو سمر ورتل زمين تي سيمل جي پوک ممڪن ئي نہ آهي. جيڪڏهن سيمل برسات ۾ پوکي ڪيو ويو تہ پهرين برسات کان پوءِ ٻوٽي جي پرپاسي ۾ پيدا ٿيل گاهہ ۽ ٻوٽن کي ختم ڪريو، جيئن ٻوٽو سهڻي نموني سان واڌ ويجهہ ڪري سگهي ۽ سج جي روشني بنا ڪنهن رڪاوٽ جي ٻوٽي تائين پهچندي رهي. جڙين ٻوٽين کي مناسب وقت کان پوءِ ختم ڪندو رهڻ گهرجي. جيئن ٻوٽو ايترو وڌو ٿي وڃي جو ان کي انهن جڙين ٻوٽين مان نقصان نہ رسي. هيءَ ڳالهہ مشاهدي ۾ آئي آهي تہ اهڙو هنڌ جتي جڙين ٻوٽين کي ختم ڪيو وڃي ٿو اتي ٻوٽي جي واڌ ويجهہ عام زمين تي بہ ٻيٽي ٿي وڃي ٿي.

ان جو ٻيو فائدو اهو آهي تہ اهو ٻوٽو جنهن جي چوڌاري جڙيون ٻوٽيون نہ هجن تہ ڪوهيڙي جو اثر بہ گهٽ هوندو آهي. قدرتي طور سيمل کي چانگڻ جي ضرورت نہ پوندي آهي. ڇو تہ وچ واري ٽڻ جي چوڌاري هڪ دائري جي شڪل ۾ نڪرندڙ هيٺيون ٽاريون هڪ حد تائين پنهنجو ڪردار ادا ڪري ڪانپوءِ پاڻ مرادو سڪي ويندیون آهن. هوننئن بہ ضرورت کان سواءِ چانگ وڻ جي ڪمزوري جو سبب بڻجي ٿي. جنهن جي ڪري ان تي وڏو برو اثر پوي ٿو. ان کان سواءِ ننا سوڇ سمجهڻ جي ڪيل چانگ ٻوٽن تي جيتن ۽ بيمارين جي

حملي جو سبب بڻجي سگهي ٿي. پر اهي هوندا جيڪي هڪ يا هن کان وڌيڪ ٽڙ پيدا ڪري وجهن ته پوءِ انهن مان سڌي ٽڙ کان سواءِ ٻين کي سياري جي مند ۾ ڪنهن تيز ڌار واري اوزار سان وڍي ڇڏڻ گهرجي.

(5) سيمل جي ڪاڻيءَ جو استعمال:

هي تمام تيزي سان وڌڻ وارو وڻ آهي ۽ سال ۾ هڪ ميٽر تائين مٿي وڌي ٿو. ان کري 15 سالن جي عمر ۾ هي وڍڻ جوڳو ٿي وڃي ٿو ۽ ان وقت هن جو قطر 30 سينٽي ميٽر تائين وڌي وڃي ٿو.

سيمل جي ڪاڻي هلڪي هجڻ جي ڪري ڏاڍي ڪارائتي تصور ڪئي ويندي آهي. هن جا سنها سنها تهه وڍي ان مان ماچيس جون تيليون ۽ پلاءِ وڌ تيار ڪيو ويندو آهي ۽ هن جي ڪاڻيءَ مان پيتيون ۽ ڪريٽ تيار ڪيا ويندا آهن. هن جي ٻجن مان لاٽل نرم ڪپهه ڏاڍي گرم هوندي آهي ۽ اها گدين ۽ ويهاڻن ناهڻ جي ڪتب ايندي آهي هي وڻ سڌي ۽ صاف ٽڙ، قرمزي گلن، وڏي جسامت رکڻ ڪري سڙڪن جي ڪناري ۽ باغن ۾ سونهن لاءِ پوکيو ويندو آهي. هن جي ڪاڻي ڳري ملهه تي وکرو ٿيندي آهي جنهن جي ڪري هي وڻ آبادگارن ۾ پنهنجي اقتصادي فائدي سبب گهٽو مقبول آهي.

سيمل جا قلم ٻيلي ڪاتي جي سورين نرسرين مان 10 پنسا في قلم جي معمولي ملهه تي سڄو سال حاصل ڪري سگهجن ٿا.

(6) معاشيات:

سيمل عام طور تي واهن جي ٽاپ ۽ رستن جي ڪنارن تي پوکيو ويندو آهي. جتي هن جي واڌ ويجهه بهتر ٿيندي آهي. قطار ۾ هنيل سيمل اٽڪل ڏهن سالن جي عمر ۾ في وڻ هڪ هزار رپئي جي مالیت جو ٿي ويندو آهي.

شیشم

شيشم

تعارف:

شيشم سنڌ کان سواءِ پاکستان جي ميداني علاقن جو نالیرو ۽ جاتل سڄاتل وڻ آهي. هن جي ڪاٺي مضبوط ۽ سهڻي رنگ جي جسامت رکڻ سبب فرنيچر، گهريلو سامان ۽ گهٽي کان گهٽي استعمال ٿئي ٿي. ان کان سواءِ اڏاوت ۽ اڏاوتي ڪمن ۽ پوکي راهي جي اوزارن ۾ هن جي ڪاٺي پنهنجو هڪ انوکو مقام رکي ٿي. هي هڪ اهڙو وڻ آهي جيڪو سخت جان آهي. هن جي وٽڪاري ڪرڻ نہ رڳو سولي پر گهٽ لاڳت تي بہ ٿي سگهجي ٿي. زميندار ۽ آبادگار هن جي ڪاٺي کي پنهنجي ڪتب آٿڻ کان سواءِ ان مان زر بہ حاصل ڪندا آهن. شيشم جي ڪاڏي ڪافي ڳري ملهہ تي وڪرو ٿيندي آهي ۽ ٻارڻ جي لاءِ بہ گهٽو پسند ڪئي ويندي آهي.

شيشم جي مناسب واڌ ويجهہ لاءِ ڪلر ۽ سم کان پاڪ زمين سڃي هوندي آهي. هن جي پوک سڌو سنئون ٻج پوکڻ يا پاڙ واري قلم لڳائڻ سان ٿيندي آهي. ٻج وسيلي سڌو سنئون پيدا ٿيندڙ ٻوٽن جي سار سنڀال جي وڌيڪ ضرورت پوندي آهي. ان ڪري هن جي پوکڻ جو بهترين طريقو اهو آهي تہ سڃي هنڌ تي نرسري تيار ڪري ٻوٽا يا ان جو قلم، جيڪو 3 انچ ۽ 9 انچ ڊگهي پاڙ تي ٻڌل هجن، سي پوکيا وڃن.

(1) نرسري پوکڻ جو طريقو:

نرسري هٽن جي لاءِ صاف ستڙو ٻج ڊسمبر ۽ جنوري مهيني ۾ صحت مند وڻن، ڊگهن ۽ صاف ستڙن ٽڙ وارن وڻن ان حاصل ڪري هوادار ۽ خشڪ جاءِ تي محفوظ ڪيو وڃي ۽ فيبروري کان اپريل تائين نرسري ۾ پوکيو وڃي. ٻنن ٽاهڻ کان اڳ زمين کي هر ڏئي نرم ڪيو وڃي. زمين کي سڃي نموني سڌو ڪري ان ۾ چيٽي جو

پاڻ ۾ لٽ وڌو وڃي. ان کان پوءِ زمين ۾ 1 x2 فٽ سائيز جا ٻنا يا ٽن فٽن جي وٿي تي ٺاهيا وڃن. ٻنن جي ڏيکھ 15 فٽ ۽ 20 فٽن جي وٿي مناسب هوندي آهي. شيشم جي نرسري 5 يا 10 فٽن جي وٿيءَ تي 9 x 12 x18 انچ سائيز جي کوٽيل کڏن تي ڪري سگھجي ٿي ۽ کڏن جي ٻنهي ڪنارن کان گھٽ ۾ گھٽ ڇھ انچ ويڪري جاءِ تان گاھ وغيره چونڊي ميڙي زمين کي گُڏ ڏئي پور پور ڪيو وڃي. بج جون ڦريون ٻارن جي ڪناري اتکل ھڪ ياگي ٽي انچ ٽلهي تھ ۾ وڃائي ڇڏيو ۽ انهن کي لٽ جي تھ سان ڏکي ڇڏيو ۽ ان کان ترت پوءِ پاٽي ڏيو. پاڻ يڏيڻ وقت اھو خيال رکڻ ضروري آهي تہ پاٽي ٻيجاري جي مٿان نہ پوي. ۾ بج کي چوسيل پاٽيءَ جي آلاڻ ملي. پاٽي جو وقفو ايترو هجي جو ٻيجاري ۾ آلاڻ برقرار رهي. عام طور تي اھو وقفو ٽن ڏينهن کان ھڪ هفتي تائين ڪافي آهي. ۾ اھو موسمي حالتن ۽ زمين جي خاصيت تي دارومدار رکي ٿو. نرسري ۾ ٽالهي جي بج ڦٽڻ ساڻ ئي ٻيا نقصان رسائيندڙ ٻوٽا يعني جڙيون ٻوٽيون ۽ گاھ ب پيدا ٿي پوندا آهن. ان ڪري انهن کي ختم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو.

(2) وٽڪاري جي لاءِ ٻوٽن حاصل ڪرڻ جو طريقو:

نرسري کان سواءِ ٽالهي جا ٻوٽا جيڪي ڪمند يا ٻين فصلن يا واھن جي ڪنارن تي قدرتي طور ڦٽي نڪتا هجن، وٽڪاري جي لاءِ انهن کي ب استعمال ڪري سگھجي ٿو. ان ڪم جي لاءِ ٽي طريقا استعمال ڪيا ويندا آهن.

جڏهن ٻوٽا 1.5 فٽ کان 3 فٽن تائين وڌا ٿي وڃن تہ اھي وٽڪاري ڪرڻ جوڳا ٿي وڃن ٿا. انهن ٻوٽن جي نرسري کي پاٽي هٽي پاڻ سميت هٽ سان ڇڪي ڪڍيو ويندو آهي ۽ ان جو قلم هيٺ ٺاهيو ويندو آهي تہ پاڙ جي ڏيکھ 8 کان 9 انچ رکي ويندي اهي ۽ ٽڙ 2 کان 3 انچ. سمورين ننڍين پاڙيون وڍيون ويندين

آهن. انهن قلمن کي ڳوڙين يا پاڻ جي ڳنڍين ۾ سو سو جي بندلن ۾ ٻڌي ڪٽي ۽ پهچائي سگهجي ٿو پر خيال رهي ته گرم موسم ۾ انهن قلمن کي سڪڻ نه ڏنو وڃي ۽ انهن تي پاڻي جو ڇٽڪار ڪندو رهجي. قلم ٽاهڻ جي سڀ کان سٺي موسم بهار جي شروع ٿيڻ ۽ نون ڳونچن نڪرڻ کان اڳ يعني فيبروري ۽ مارچ واري آهي.

شيشم جي ثابت ٻوٽن مان قلم حاصل ڪيا ويندا آهن . پر اهو رڳو جنوري ۽ فيبروري ۾ ئي ممڪن اهي.

شيشم جي سالم ٻوٽي جي ڳونچن ڦٽڻ ۽ پنن نڪرڻ کان پوء هن کي سال جي ڪنهن به وموسم ۾ پوکي سگهجي ٿو. اهڙن ٻوٽن جي پاڙن کي اُگهاڙي ڪرڻ کان سواء ئي ڇڪي سميت ڪڍي هٽي سگهجي ٿو. ٻوٽن پوکڻ جو طريقو هن ريت آهي:

(3) ٻوٽي هٽڻ وارو هنڌ ۽ طريقو:

شيشم جي "قلم" بدران پاڙن وارن ثابت ٻوٽن يا ان جي پوليٿين جي ٿيلهين يا چڪيءَ سان گڏ زمين مان حاصل ڪيل ٻوٽي هٽڻ جي لاءِ ۾ فٽ قطر جو ۽ ۾ فٽ اونهو ڪڍو ڪوٽي ٽي هفتا ڪليل رکڻ گهرجي، جيئن چگي ريت سڪي وڃي. ان کان پوء ڇيٽن ۽ پنن جو پاڻ جيڪو پاڙن ۽ پٽرين کان صاف هجي ۽ لٽ جو هڪ جيترو حصو ملائي ڪڍو ڏيڍ فٽ تائين پرڻ گهرجي ۽ مٽيءَ کي چگي ريت ڏهائڻ گهرجي. ثابت ٻوٽو هٽڻ جي لاءِ چڪيءَ جيترو ڪڍو ٽاهيو ۽ چڪيءَ سان گڏ ٻوٽو هٽي ان جي چوڌاري مٽي وجهي چڏيو. ٻوٽي هٽڻ کان ترت پوء پاڻي ڏيو. اها آبپاشي نهايت ضروري آهي.

شيشم جي وٽڪاري "قلمن" وسيلي ڪرڻ سولي ۽ سستي آهي. جنهن ۾ ڪامياب ٿيڻ جو امڪان به وڌيڪ آهي. ان جو

طريقو هي آهي تہ جتي قلم هٽڻو هجي، اتي لوهہ جي شيخ يا ڪائيءَ جي ڪلر سان سوراخ ڪيو وڃي. سوراخ ۾ قلم هڻي، چٽي پاسن کان مٽي کي پيرن سان دٻائي لڳايو وڃي ان کان پوءِ پاڻي ڏنو وڃي.

(4) ٻوٽن ٻوکڻ جي موسم:

شيشم جي ڪامياب وٽڪاري جي لاءِ بهار جي مند ۾ ٻوتا پوکڻ گهرجن. ٻوٽا مينهن جي مند ۾ ٻہ پوکي سگهجن ٿا. پر تنهن هوندي ٻہ بهار جي مند شروع ۾ ئي وٽڪاري ڪئي وڃي تہ وڌيڪ بهتر ٿيندو.

(5) پاڻي:

نون ڪوڻچن ڪرڻ تائين ٻوٽي يا قلم کي ٽن ڪان چٽن ڏينهن جي وٽي سان پاڻي ڏيڻ گهرجي. ڪوڻچ ٻن هفتن اندر نڪري ايندا. ان کان پوءِ پاڻي جي وٽي کي هوريان هوريان وڌائي سگهجي ٿو. پر سڻي واڌ ويجهہ لاءِ اها وٽي ڏهن ڏينهن کان وڌيڪ نہ هجڻ گهرجي.

(6) ٻوٽن جو بچاءُ:

شيشم جي ننڍين ٻوٽن جو جانورن ۽ ٻڪرين کان گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن تائين بچاءُ ضروري آهي. هن جو بچاءُ ڪندڙ واري لوڙهي يا تار جي لوڙهي سان ڪري سگهجي ٿو. جيتن ۽ پن جي سنڊي جي حملي جي صورت ۾ مختلف جيت مار دوائون استعمال ڪري سگهجن ٿيون، جيڪي زميندار پنهنجن فصلن جي بچاءُ لاءِ اڪثر استعمال ڪندا رهندا آهن.

اِپل اِپل

اپل اپل

تعارف:

اپل اپل هڪ اهڙو وڻ آهي جيڪو جانورن جي لاءِ گاهه، زمين لاءِ پاڻ ۽ چلهه جي لاءِ ٻارڻ مهيا ڪري ٿو. هن جوج سائنسي نالو Leucaena Leucoephala آهي. هي اصل ميڪسيڪو جي پيداوار آهي. پر هينئر هي ڏکڻ اوپر ايشيا خاص ڪري فلپائن ۽ انڊونيشيا ۾ وڏي پئماني تي پوکيو وڃي ٿو.

(1) قسم:

اپل اپل جا ننڍا ۽ وڏا ڪيترائي قسم آهن، انهن مان ڪي جهڳٽن وارا آهن. جڏهن ته ٻيا ڏگهي قد وارا، مثال طور: اپل اپل K 67, K8 ۽ K28 جهجهي انداز ۾ ڪائيون ۽ گاهه ڏين ٿا.

اپل اپل سخت جان وڻ آهي، جيڪو گهٽ زرخيز ۽ پٽرائين زمين تي گهٽ مينهن پوڻ وارن علاقن ۾ به ڦٽندو آهي ۽ انهن علاقن ۾ آساني سان پوکي سگهجي ٿو. هن جي ڏگهي پاڙ جي ڏيگهه ٽڙ جي ڏگهائيءَ جو اٽڪل ٻه ياڳي تي هوندي آهي ۽ پٽرائين زمين جو سينو چيري گهٽو هيٺ لهي ويندي آهي ۽ اها سوکڙي جي ڏينهن ۾ ٻه ٻوٽي کي مرڻ نٿي ڏي، هي وڻ 250 ملي ميٽر ساليانه مينهن وارن علاقن ۾ ڪاميابي سان ٿئي ٿو. هن جي پاڙ ۾ بيڪٽريا جاءِ ٺاهي هوا مان نائٽروجن وٺي زمين جي زرخيزي ۾ واڌ آڻين ٿا ۽ بدلي ۾ ٻوٽي مان خوراڪ حاصل ڪن ٿا، اهڙي طرح ٻئي گڏيل حياتي گذارين ٿا.

(2) نرسري لڳائڻ جو طريقو:

اپل اپل جا ٻوٽا تيار ڪرڻ جي لاءِ پوليٿين جي 15 x 15 س-م جي ٿيلهين ۾ مٽيءَ ۾ پن جو سڙيل ڳريل پاڻ هڪ جيترو

وڃهي پريو ويندو آهي. بج کي 7.5 س- م جي اونهائي ۾ رکي ان کي مٽيءَ سان ڍڪيو ويندو آهي. ۽ ان کي باقاعدي پاڻي ڏيڻ سان ٽن کان پنجن ڏينهن تائين ڦٽندو آهي ۽ جڏهن ٻوٽو چاليهه ڏينهن ۾ 22.5 س-م ڊگهو ٿئي تہ پوءِ اهو کٽي ۾ لڳائڻ جهڙو ٿي پوندو آهي. زمين ۾ پوکڻ کان اڳ ۾ ٻوٽي جا سمورا پن سواءِ چوٽي جي ٻن يا ٽن پن جي باقي کينچي سان وڍي ڇڏڻ گهرجن.

(3) پوکڻ جو طريقو:

اپل اپل جي پوک، بج قلم ۽ ثابت ٻوٽي وسيلي ڪري سگهجي ٿي. تيار ٿيل ٻڪل بج زمين ۾ هٿ وسيلي پوکي سگهجي ٿو. قلم جي پاڙ جو حصو ڇهہ انچ ۽ تاري جو حصو ٻہ انچ هجڻ گهرجي. ثابت ٻوٽو گاچي سان گڏ يا گاچي کان سواءِ هٽي سگهجي ٿو. اپل اپل جي پوک بهار جي مند يا مينهن جي مند ۾ ڪري سگهجي ٿي. شروع شروع ۾ ان کي ڪوهيڙي کان بچائڻ ضروري آهي.

(4) فائدا:

اپل اپل جي ڪائي ٻارڻ جي لاءِ هن جا پن جانورن جي چاري استعمال ڪيا ويندا آهن. هي زمين جي زرخيزي ۾ واڌ آڻي ٿو.

پاپلر

پاپلر

پيش لفظ

دنيا ۾ پاپلر جا بي شمار قسم آهن. جن مان آسٽريليا، يوگوسلاويا، آمريڪا ۽ اٽلي ۾ پيدا ٿيندڙ قسم وڌيڪ مشهور آهن. هيءُ تيزي سان واڌ ڪائيندڙ ۽ نرم ڪاٺي وارو وڻ آهي. اصل ۾ هي جهنگ جي وڻ بدران زرعي فصلن جيان وڻ آهي.

هي وڻ ديال ۽ چيل جهڙين ڪاٺين جون ضرورتون پوريون ڪري سگهي ٿو. هي خاص ڪري پلاءِ وود ۽ ماچيس ناهڻ وارين صنعتن ۾ ڪم اچي ٿو.

انگن اکرن مان صاف ظاهر آهي ته هن جي طلب جي پيٽ ۾ هن جي پيداوار گهٽي گهٽ آهي. سنڌ صوبي جي اها ڪمي پشاور صوبي مان پوري ڪئي ويندي آهي.

پاپلر جي وٽڪاري جي لاءِ سنڌ جا اڪثر علاقا بهتر آهن. زميندارن ۽ آبادگارن کي عرض آهي ته اهي پنهنجين زمينن ۾ زرعي فصلن سان گڏوگڏ پاپلر جي وٽڪاري ڪن ۽ في ايڪڙ وڌيڪ نفعو حاصل ڪن.

(1) پاپلر جي واڪاري ڪرڻ لاءِ زمين جي چونڊ:

پاپلر جي وٽڪاري جي لاءِ زمين جي چونڊ ڏهرين ۽ وڏي اهميت رکي ٿي. جو ته پاپلر جي ڦٽڻ ۽ وڌڻ جو دارومدار زمين جي قسم تي آهي. سڀني زمين مان سراسري خرچ سا گڏ گهٽي مقدار ۾ سڀني ڪاٺي ملي سگهي ٿي. جڏهن ته سڀني زمين نه هجڻ ڪري پيداوار سراسر گهٽ حاصل ٿئي ٿي. ان ڪري زمين جي چونڊ ڪرڻ وقت احتياط جي ضرورت پوندي آهي. انهي ڏس ۾ هڪ تجربيڪار ماهر فاريسٽر جي صلاح سان فيصلو ڪرڻ بهتر آهي. تنهن هوندي به زمين جي چونڊ ڪرڻ وقت هيٺ ڏنل نقطن کي نظر

ھر ضرور رکڻ گھرجي.
ا - زمين ھر ڪنھن بہ حالت ھر پاڻي بيھڻ نہ ڏنو وڃي، پر زمين جي پاڻي جي نيڪال جو نظام گھڻو پلو ھجڻ گھرجي.
ب- زمين جي لاءِ آبپاشيءَ جو سڻو سرشتو ھجڻ گھرجي ۽ پاڻي وڏي مقدار ھر موجود ھجڻ گھرجي.
پ- زمين جي زرخيزي ۽ معيار کي ضرور نظر ھر رکڻ گھرجي. سخت، چيڪي ۽ پٽرائين مٽي جي چوند بلڪل نہ ڪرڻ گھرجي.
ج- سم ۽ ڪلر واري زمين جي چوند نہ ڪٽي وڃي ۽ نہ وري اھڙي زمين جي چوند ڪٽي وڃي، جنھن جي مٿئين 3 فٽ سطح گھڻي سخت ھجي.
ھ- اڏوھي واري ٽڪري تي ھدايت ڏنل اُڏوھي مارڻ واريون دوائون استعمال ڪيو وڃن. سڻو ٽيندو تہ جيڪڏھن وڌيڪ اڏوھيءَ واي تي وٽڪاري ڪرڻ کان اڳ ڪين دوائن وسيلي ختم ڪيو وڃي.
ت- قطار ھر وٽڪاري ڪرڻ جي لاءِ چانوَ واري زمين جي چوند نہ ڪٽي وڃي. چو تہ پاپلر چانو ھيٺ سھٽي نموني سان وڌي نہ سگھندو آھي.
ر- چوندبل زمين ھر رڍن، ٻکرين ۽ ٻئي مال جي چرڻ وارو انديشو بلڪل نہ ھجڻ گھرجي.
ڙ- زمين تي وٽڪاري ڪرڻ کان اڳ مٽيءَ جو لٽباريٽريءَ مان تجزيو ڪرايو وڃي.
ز- زرعي فاريسٽري جي لاءِ ٻوٽا 18″ x18″ جي وٽي تي پوکيا وڃن، جيئن سمورا اوزار ھَرُ وغيرہ سولائي سان ڪاھي سگھجي ۽ مڪمل ٻيلو ھڻڻ جي لاءِ 12′ x12′ يا 10′ x 6′ جو مفاصلو ماھرن سان صلاح ڪرڻ کان پوءِ رکيو وڃي.

2- پاپلر جي وٽڪاري ڪرڻ کان اڳ نظر ۾ رکڻ واريون ڳالھيون:
۱- چوندبل زمين ھر وٽڪاري ڪرڻ کان اڳ پاڻي جو نظام

مڪمل ڪيو وڃي. ان جو خال گهٽ ۾ گهٽ هڪ فٽ اونهو هجي. جيئن ان ۾ پاڻي جو ڪافي مقدار اچي سگهي. ڪڏون 3 فٽ اونهيون کوٽڻ گهرجن ۽ انهن ۾ لٽ ۽ ديسي پاڻ مناسب مقدر ۾ ملائڻ گهرجي.

2- ٻوٽي کي نرسري مان پٽي زمين تي ڪٽي اچڻ دوران انهن جي پاڙن کي ڳوڙين يا سڪل گاهه سان ڍڪي ڪٽي اچڻ ضروري آهي، جيئن ٻوٽا رستي ۾ ئي سڪي نه وڃن.

3- انهن ٻوٽن کي وٽڪاري واري هنڌ تي پهچڻ شرط ڪڏن جي تازي پاڻي ۾ 24 کان 72 ڪلاڪن تائين وجهڻ گهرجي ۽ پوءِ انهن کي هٽڻ جي لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي.

4- ٻوٽن کي ڪيڏ وقت انهن جون پاڙون گهٽ ۾ گهٽ ويهڻ وڃن ۽ انهن کي گهرائي مان ڪڍيو وڃي.

(3) پاپلر جي وٽڪاري:

وٽڪاري جي وقت هيٺ ڏنل نقطن کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي.

1- پرپاسي جون ٽلهيون پاڙون جيڪي ٻوٽن هٽن مهل ڪڏي ۾ ٻوٽي کي سڌي رکڻ ۾ رندڪ بڻجنديون هجن، انهن کي ويڙيو وڃي، اهو ڪم ضرورت مطابق ڪيو وڃي ۽ گهٽي مقدار ۾ هرگز نه ڪيو وڃي.

2- وڻ جا گڏنج نه وڍيا وڃن.

3- ٻوٽي کي پوکڻ کان اڳ پاڙن واري حصي ۾ اڏوهي کان بچائڻ واري دوا ضرور وجهڻ گهرجي.

4- مٽي جي شروع ۾ ٻڌين تارين کي جن جي رهڻ سان وڻ جي اصلي حالت قائم نه ٿي رهي ويڙيو وڃي.

5- مينهن جي مند ۾ پاڻي کي بلڪل بيهڻ نه ڏنو وڃي.

6- پهرين سال جواني کان سيپٽمبر تائين مينهن جي مقدار کي ڏسي پاڻي ڏنو وڃي.

7- پهرين سال آڪٽوبر کان ڊسمبر تائين هر مهيني 2، 3 ڀيرا پاڻي ڏنو وڃي.

8- ٻئي سال جنوري کان چوماسي تائين 7، 10 ڏينهن جي وٿي سان پاڻي ڏنو وڃي.

9- ٻي سال جولاءِ کان آگسٽ تائين مينهن مطابق پاڻي ڏنو وڃي.

10- ٻي سال آڪٽوبر کان ڊسمبر تائين هي مهيني 3،2 ڀيرا پاڻي ڏنو وڃي.

11- ٽين کان ائين سال تائين گرمين جي مهينن ۾ هر مهيني ۾ ٻه ڀيرا پاڻي ڏنو وڃي ۽ سياري ۾ هر مهيني هڪڙو ڀيرو پاڻي ڏنو وڃي.

هيءَ ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته هر هنڌ زمين مطابق ڏنل هدايتن تحت معمولي ڦيرڦار اچي سگهي ٿي، جيڪا ٻيلي کاتي جي ماهر کي ڏيکارن بعد صلاح ورتي وڃي.

(4) وٽڪاري کان پوءِ جون هدايتون:

ستن ائن سالن جي عمر ۾ ٻوٽي مان مقرر مقدار جي کاڻي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هن هدايتن تي عمل ڪيو وڃي.

1- گهربل وقت تي مناسب ساهي کان پوءِ سنو پاڻي بهتر ڪاميابي ڏئي سگهي ٿو. پهرين سال چوماسي جي شروع ٿيڻ کان اڳ هفتيوار پاڻي گهٽو ڏيڻ گهرجي.

2- ڪٽڻ جو عمل 15 اپريل تائين مڪمل ٿي ويندو آهي. ان کان پوءِ جيڪي ساوا ٻوٽا کنهن سبب نه ڪٽيا هجن ته انهن کي زمين جي برابر رکي وڍيو وڃي.

3- وٽن جي هيٺئين حصي کي گوڻڻ کان صاف رکيو وڃي ۽ جوڙي کي زخم بلڪل رسڻ نه ڪپي.

4- ڪڏي مان ڪيدل مٽي فقط مٽين تهه جي 9 انچ کان 6 انچ جي مٽي ٻيهر پرائي جي لاءِ استعمال ڪئي وڃي ۽ ان ۾ اڏوهي کان بچاءُ واري مناسب مقدار ۾ دوا وڌي وڃي.

5- ٻوٽن کي ڪڏي ۾ سڌو رکي، مٽي وجهي پاڻي ڏنو وڃي ۽ چانگ بلڪل نه ڪٽي وڃي.

6- پهرين پاڻي کان پوءِ مٽي هيٺ ويهجي ويندي آهي ۽ ٻي پاڻي ڏيڻ کان اڳ ٽي وجهي ان کي چڱي طرح لتاڙيو وڃي.
7- چانگ ڪرڻ وقت ٻوٽي کي سڌو رکيو وڃي ۽ ان جي ڇوڏي کي زخم رسڻ نہ ڏيو.

(5) پاڻ جو استعمال:

هيٺ ڏنل هدايتن کي ڏيان ۾ رکڻ گهرجي.

1- ربيع ۽ خريف جي فصلن جي لاءِ زمين جي وقت ڏيسي ڇيٽو ۽ پنن جو پاڻ مناسب مقدار ۾ زمين ۾ ملائڻ گهرجي. ياد رکو ته ڏيسي پاڻ جو ڪوبہ ٻيو بدل ڪونهي.

2- نائٽروجن، فاسفيٽ ۽ پوٽاش پاڻن کي ماهرن جي ڏنل صلاح مطابق ۽ زمين جي تجرباتي رپوٽ مطابق استعمال ڪيو وڃي ۽ هٽرادو پاڻ ٻوٽي جي ڏار جي ويجهو بلڪل نہ رکيو وڃي، پر ان کان ترت پوءِ پاڻي ڏنو وڃي.

(6) وڌيڪ اهم ڄاڻ:

1- پاپلر جي اعليٰ قسم جي چوند ۾ زمين جي چوند جيان بي حد اهم آهي ۽ ان کي خاص نظر ۾ رکيو وڃي.

2- پاپلر جي چانگ مناسب وقت تي ۽ مناسب مقدار ۾ ڪٽي وڃي.

3- زمين جي تياري هر صورت ۾ پنڌرنهن جنوري تائين ٽيٽ گهرجي ۽ ٻُٽن جي وٽڪاري پنڌرنهن فيبروري تائين مڪمل ٽيٽ گهرجي.

4- چانہ هيٺين ٽئين حصي (۱) تائين محدود ڪٽي وڃي ۽ پنجين کان ستين سال تائين هيٺئين اڌ حصي تائين چانگ ڪٽي وڃي.

5- چانگ وغيرہ جو ڪم سياري جي مهينن ۾ ڪرڻ گهرجي جڏهن وڻ بنا پن جي هوندا آهن.

6- جيتن ۽ بيمارين کان بچاءُ جي لاءِ ماهرن سان صلاح ڪرڻ کان پوءِ باقاعدگي سان استعمال ڪيون وڃن.

هُڑي

هڙيءَ جي پوک

هڙيءَ مان مراد:

هڙي عام طور تي ڪنهن خانگي زرعي زمين تي ٻهرن جي جهڳٽي واريءَ صورت ۾ پوکيل فصل کي چئبو آهي. هڙي لفظ جي تعريف ۾ ان جي وجود متعلق ڪتاب خاموش آهن مگر اها پڪ آهي ته هڙيءَ کي ٻهر جي فصل سان مطابقت آهي. ڇاڪاڻ جو انهيءَ طريقي سان ٻين وٹڻ جي پوکيل فصلن مثلاً مانجهاندڙيءَ کي هڙي نٿو چيو وڃي. سنڌ جي حيدرباد ضلعي جا آبادگار ۾ هاري ناري ٻائر ته هُڙيءَ جي نالي ۾ ان جي اهميت، ضرورت ۾ افاديت کان بخوبي باخبر آهن، البت اُتر وارن ضلعن ۾ ٿٽي واري حصي جي زراعت سان واسطو رکندڙ ماڻهن۾ اڃان تائين هُڙين پوکڻ جي عادت نه پئي آهي جنهن جو مکي سبب انهن ماڻهن جي هڙين جي ڪارج کان اڻ ڄاڻائي آهي.

هڙيءَ جي تاريخ ۾ اهميت:

سنڌ ۾ زرعي زمين تي وٹن پوکڻ جو رواج ۱۸۵۸ع ۾ پيو جڏهن ان وقت جي سنڌ جي ڪمشنر بارٽلي فريئر هڪ سرڪيولر جي ذريعي پنهنجي ڪليڪٽرن کي چيو ته هاري ڪٽنبن کي وٹڻ جي فصل اپائڻ لاءِ 10 ايڪڙن تائين سرڪاري زمين مفت ۾ ڏني وڃي ته جيئن ماڻهن جي ٻارڻ جون ضرورتون به پوريون ڪري سگهجن ۽ زرعي زمين جو تحفظ به ٿي سگهي. انهيءَ وٹن جي فصل اپائڻ تي ڪابه دل ۽ آبيانو مقرر نه ڪيو ويو. انهيءَ سرڪيولر جي تحت حيدرآباد جي ڪليڪٽر پنهنجي ڊپٽي ڪليڪٽرن کي حڪم ڏنو ته سرڪاري زمين هاري ڪٽنبن ۽ وٹن پوکڻ لاءِ ورهائي وڃي. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ هڙيون لڳائڻ جو پايو وڌو ويو. موجوده دور ۾ هالا ۽ ان جي ڀرپاسي وارا اڪثر هاري ڪجهه زمين تي اڄ به هڙيون پوکي رهيا آهن. ڇاڪاڻ ته هڙين جي

پوکڙ مان ثابت ٿيو آهي تہ اهو هڪ فائديمند ڏنڏو آهي نہ تہ آبادگار پاڻ انهيءَ پوک کي گهٽو اڳ ۾ ترڪ ڪري ڇڏين ها.

زمين جي چونڊ ۽ تياري:

هڙيءَ جي پوک لاءِ عام طور تي لٽياسي زمين نهايت موزون ۽ موافق هوندي آهي، مگر اڇڪلهہ آبادگار اهريءَ زمين جو انتخاب ڪن ٿا جنهن ۾ ڪجهہ سمر ۽ ڪلر جو اثر موجود هجي ۽ ان ۾ موزون زرعي فصل پيدا ڪرڻ جي صلاحيت موجود نہ هجي ۽ گهٽو پاڻ گهرندي هجي.

زمين جي تياريءَ لاءِ ان کي اونهون هرُ ڏنو وڃي تہ جيئن اها نرم ٿي وڃي پوءِ ٻنا ٻڌي واٽر ڪورس تيار ڪيو وڃي تنهن کان پوءِ عام زرعي فصل وانگر هر ڏنل زمين ۾ سهاڳي سان هر هڪ ٻاري جي سنوت ڪئي ويندي آهي تہ جيئن پاڻي آسانيءَ سان لڳي سگهي. انهيءَ کان پوءِ چڪاسي پاڻي ڏجي تہ جيئن زمين چڱيءَ طرح رجي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪي سطحي ناهمواريون رهجي وڃون هجن تہ انهن کي صحيح طرح سان پاڻي لڳڻ واسطي درست ڪري سگهجي.

پوکائي:

هڙيءَ جي پوکائي اڪثر ڪري ٻج ذريعي ڪئي ويندي آهي ۽ هن طريقي سان پوکائيءَ تي خرچ بہ گهٽ اچي ٿو. ٻج ذريعي پوکائي ٻن طريقن سان ڪئي ويندي آهي. يعني ڇٽ يا نارڙي، عام چوٽي آهي تہ "نارڙي راڻي ۽ ڇٽ فقير" جيتوڻيڪ ڇٽ پوکائيءَ جو نهايت آسان طريقو آهي جنهن ذريعي تيار ڪيل زمين ۾ ٻج جي ڇٽ ڪئي ويندي آهي مگر هن طريقي سان پوکائيءَ ۾ نقصان اهو آهي تہ هڪ طرف تہ ٻج جو زياده مقدار گهرجي ٿو تہ ٻئي طرف سوءَ ۽ چاندبيءَ ۾ ڪافي تڪليف ٿئي ٿي. عام طرح ڇٽ واريءَ حالت ۾ اٽن کان ڏهن ڪلو تائين ٻج جي ضرورت ٿئي ٿي.

اهو ڏنو ويو آهي ته زياده ترقي پسند آبادگار ناڑي ذريعي هُڑيءَ پوکڻ کي پسند ڪندا آهن. ناڑي ذريعي ٻيهر جو بج سڌين قطارن ۾ پوکيو ويندو آهي ۽ قطار کان قطار تائين مفاصلو ڏيڊ کان ٻن ميٽرن تائين رکيو ويندو آهي. ناڑيءَ ذريعي پوکائيءَ لاءِ چئن پنجن ڪلو تائين بج استعمال ٿئي ٿو ۽ ٻوٽن جي وچ ۾ وڇوٽيءَ سبب سوءَ ۽ چانديءَ ۾ ڪافي سهولت ٿئي ٿي.

پهرئين سال گهٽو ڪري ٻيهر سان گڏ مند مطابق زرعي فصل جي خشڪ پوک خصوصاً ڦٽيون ڪئي ويندي آهي. انهيءَ صورت ۾ ڪڏهن پهربائين زرعي فصل پوکيو ويندو آهي ۽ هفتي ٻن کان پوءِ ٻيهر جي ڇت يا ناڑيءَ ڪئي ويندي آهي ته ڪڏهن ڦٽين جي فصل سان گڏ اهڑيءَ طرح ناڑي ڪئي ويندي آهي جو ٻه لاڳيتيون قطارون ڦٽيءَ جون هوندیون آهن ۽ هر ٽي قطار ٻيهر جي بج جي هوندي آهي. اهو ڏنو ويو آهي ته 74 في سيڪڙو آبادگار اپريل مئي يا جون ۾ هڑي پوکيندا آهن ۽ ته جيئن هڑي ۽ زرعي فصل کي ڏنل پاڻيءَ ۽ پاڻ مان مستفيض ٿي سگهي.

حفاظت:

مقصد ۾ پوري ڪاميابي حاصل ڪرڻ صرف پوکائيءَ ۾ مضمر نه آهي. اصل ڪاميابيءَ جو راز فصل کي ضروري تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ آهي. فصل کي چوپائي مال جي لتاڙ ۽ چرائيءَ کان بچائڻ لاءِ ان جي چوڌاري چئن کان پنجن فٽن تائين اونچو مضبوط لوڙهو ڏيڻ ضروري آهي. جيڪڏهن آسپاس جي آبادي ۾ شعور جي عدم موجودگي آهي ته پوءِ ان حالت ۾ چوڪيدار جي مقرري پڻ اشد ضروري آهي.

آبپاشي:

هڑيءَ جي پوکائيءَ کان پوءِ ان جي آبپاشيءَ جو عمل شروع ٿئي ٿو. جيڪڏهن پهرئين پاڻيءَ کانپوءِ زمين ۾ چاپڙ ظاهر ٿئي ته ٻيو

پاڻي هفتي اندر ڏيڻ ضروري آهي. بج اڪل ڏهن ڏينهن کان پوءِ ڄمڻ شروع ڪري ٿو . اهو خيال رکڻ گهرجي ته جيستائين ٻوٽا اڪل ڇهن انچن جي اوچائيءَ تائين نه پهچن تيستائين کين پاڻي ڏيڻ نه گهرجي ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان ٻوٽا پاڻيءَ ۾ ٻڏي ۽ مري ويندا. هڙيءَ کي پهرئين سال ۾ اڪل اٺ کان ڏهن پاڻين جي ضرورت ٿئي ٿي. زرعي فصل سان گڏ پوکائيءَ واري صورت ۾ ٻه يا ٽي پاڻي زرعي فصل سان گڏ ۽ باقي بعد ۾ ڏنا وڃن ٿا.

باقي ٻن سالن ۾ پاڻي ڏيڻ جي ترتيب برقرار نه ٿي رهي ۽ پاڻي فقط ان وقت ڏنو وڃي ٿو جڏهن ان جي ضرورت محسوس ڪئي وڃي ٿي. اهريءَ طرح هڙيءَ کي سال ۾ ٻه چار دفعا پاڻي ڏيڻ گهرجي

سوءَ ۽ چانڊي:

اڪثر ٻن سالن جي عمر کان پوءِ فصل ۾ سوءَ ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان فصل جي نشونما ۾ هڪ قسم جو نڪار اچي ويندو آهي ۽ ان جي واڌ ۾ اضافو اچي ويندو آهي. سوءَ جو صحيح طريقو اهو آهي ته ٻوٽي جي سموري اُچائيءَ جي ٽئين حصي تائين شاخ تراشي ڪئي وڃي. شاخن کي تکي ڪاڻيءَ سان ان جي پاڙن سان ملائي ويڙ گهرجي ته جيئن اڳتي هلي ان جاءِ تي ڳنڍ نه ٿئي.

ساڳيءَ طرح چانڊي به ٻوٽي جي اوسر ۽ واڌ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. چانڊيءَ وقت سڪل، سڙيل، مٿل ۽ ڪمزور ٻوٽن جي نيڪال کي ترجيح ڏني ويندي آهي. انهيءَ بعد جيڪي ٻوٽا تمام ويجهو هوندا آهن انهن کي ڪڍي انهن جي وچ ۾ تقريباً هڪ ميٽر جو مفاصلو ڇڏبو آهي. جيئن انهن کي ڪافي مقدار ۾ گهربل ڪاڌ خوراڪ سان گڏ خلاصي جاءِ ميسر ٿئي. ائين ڪرڻ سان فصل جي اوسر تي تمام گهٽو اثر پو ٿو.

هڙين مان فائدا:

ٻير جي هڙين مان ٻن قسمن جا فائدا حاصل ٿين ٿا هڪڙا سڌيءَ طرح ۽ ٻيا اڻ سڌيءَ طرح، ٻنهي جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

سڌيءَ طرح حاصل ٿيندڙ فائدا:

(1) ڏنو ويو آهي ته ٻير جي هڙيءَ تي ڪو خاص خرچ ڪونہ ٿو اچي چاڪاڻ ته هڙي لڳائيندڙ ماڻهو گهٽو ڪري گهربل سڀ ڪم پنهنجي سر ڪندو آهي پر جيڪڏهن ان ماڻهوءَ جي محنت کي يا ٻي صورت ۾ بيهاريل مزدور جي مزدوريءَ کي خيال ۾ رکيو وڃي ته اهڙو خرچ پنجن سالن ۾ تقريباً ۴۰۰۰ روپيہ في ايکڙ ٿئي ٿو. ان جي عيوض لاڀ ۱۷۰۰۰ روپين کان ۲۴۰۰۰ روپين تائين ٿيندو آهي جنهن مان پنجن سالن دوران پيدا ٿيندڙ جلاتو ڪاٺي ۽ ٻج مان اٽڪل ۳۰۰۰ کان ۴۰۰۰ روپيہ ۽ پنجن سالن کان پوءِ هُڙيءَ جي وڪري مان ۱۵۰۰۰ کان ۲۰۰۰۰ روپيہ حاصل ٿين ٿا.

(2) آبادگار جي چوپائي مال لاءِ چارو ۽ اجهو، ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون، گهر اڏڻ لاءِ پچر ۽ وَرا وغيره ۽ زرعي اوزارن لاءِ ڪاٺي مفت حاصل ٿئي ٿي.

(3) هُڙين ۾ ٽن سالن کان پوءِ ٻکريون ۽ رڍون پالي اضافي آمدني حاصل ڪري سگهجي ٿي.

(4) ٻير جي گلن تي قدرتي ماکي ٻ ٿيندي آهي ۽ ان سان گڏ هڙادو ماکي پالي ڪافي ناڻو ڪمائي سگهجي ٿو.

(5) ٻير جي شاخن تي لاک جي جيت جي افزائش ڪري ان مان ٻ مالي فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو.

(6) ۾ جو ڇوڏو جيڪو ڇمڙي رگڙ جي ڪم ايندو آهي ان جي وڪري مان ٻ اصي آمدني مليو وڃي.

(7) ٻير مان ڪوئلو ۽ ڏندن صاف ڪرڻ لاءِ ڏندڻ ٻ حاصل ڪري سگهجن ٿا.

اڻ سڌي طرح حاصل ٿيندڙ فائدا:

(1) هڙيون زمين جي ڏرخيزيءَ ۾ اضافو آڻين ٿيون جنهن ڪري ٻير جي وادي‌ءَ کان پوءِ زمين ۾ پوکيل زرعي فصل کي ٻن کان چئن فصلن تائين پاڻ جي ضرورت نه ٿي پوي. اهڙيءَ ريت هڙي پوکيندڙ کي في ايکڙ ٦٠٠ روپين کان ١٢٠٠ روپين تائين بچت ٿئي ٿي.

(2) هڙيون حفاظتي قطارون ناهي هوائن جي زور کي ڇڪي اڏامندڙ مٽي ۽ وارتيءَ کي روکين ٿيون. جيڪي هوند پر واري فصل کي تباهه ڪري ڇڏين. اهڙيءَ ريت هڙين پوکڻ ڪري آبادگار جي زرعي فصل جو بچاءُ ٿئي ٿو ۽ گڏوگڏ پيداوار پڻ وڌي ٿي.

(3) هڙيون تترن ۽ ٻين پکين کي اجهو ۽ خوراڪ مهيا ڪري انهن جي واڌاري ۾ مدد ڏين ٿيون. جنهن ڪري شڪار جو سامان پيدا ٿئي ٿو. ازانسواءِ اهي پکي زرعي فصل کي نقصان ڏيندڙ جيتن جو بهتاتوڪن ٿا جنهن ڪري به زرعي پيداوار وڌي ٿي.

(4) ماکيءَ جون مکيون زرعي فصل ۾ نر ۽ ماد جي ميلاپ ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿيون. ان ڪري هڙيءَ جي چوڌاري پوکيل زرعي فصل جي پيداوار ۾ اضافو ٿئي ٿو.

(5) ٻير جون پاڙون ڊگهي هٺ سبب جر مان پاڻي کڏي هڪ طرف ته زبر زمين پاڻيءَ جي سطح ۾ گهٽتائي آڻي سمَ جو بچاءُ ڪن ٿيون ته ٻئي طرف اهو پاڻي فضا ۾ خارج ڪري پرپاسي واري علاقي جي موسم ۾ اعتدال جو سبب بڻجن ٿيون.

(6) وٽڻ مان گڏ ٽيل پن وغيره زمين جي طاقت وڌائڻ ۽ ان ۾ سٺا فصل اپائڻ جي ڏس ۾ هڪ قسم جو بهترين پاڻ مهيا ڪن.

(7) وٽن جي موجودگي فضائي آلودگيءَ جي بچاءَ جو اهم ذريعو ثابت ٿئي ٿو.

(8) ٻير جي هڙين ۾ حيواني جيتامڙن ۽ ساپن کي رهڻ جي جاءِ ۽ خوراڪ ميسر ٿئي ٿي. اهي جيتامڙا زمين ۾ بي انت

سرنگون هٹي زمين کي هوا خوريءَ جو موقعو فراهم ڪن ٿا ۽ وٽن جي نباتاتي مادي جي ذرن کي پنهنجي هاضمي واري سرشتي ذريعي خارج ڪري زمين کي بي پناهه قوت بخشين ٿا. ازانسواءِ اهي جيتامڙا مرڻ کان پوءِ مٽيءَ ۾ شامل ٿي ان جي ذرخيزيءَ ۾ بيحد اضافو آڻين ٿا.

(9) هڙين مان پيدا ٿيندڙ جلاڻو ڪائي جي استعمال سان آبادگارن جي چوپائي مال جو پاڻ بچي ٿو جيڪو ٻيءَ صورت ۾ هو ساڙي خاڪ ڪن ٿا. اهو پاڻ زرعي فصل جي پيداوار ۾ واڌاري جو باعث بڻجي ٿو.

ڪونو ڪارپس- سنڌ جو ساڳوان



ڪونو ڪارپس- سنڌ جو ساڳوان

تعارف:

سنڌ ۾ هن وڻ جي پوک شاهراهن، زرعي زمينن جي ٻنين، ڳوٺن جي ڪليل ميدانن ۽ نهري ٻيلن ۾ ڪاميابيءَ سان ڪئي وئي آهي. هن جو ڊگهو ٽڙ ۽ محرابي ڇت هن جي خوبصورتيءَ جو باعث آهي. اهڙا علائقا جتي گرميءَ جو درجو 30 کان 40 سينٽي گريڊ ۽ سالياني بارش 50 کان 400 ملي ميٽر هجي تہ هي سڀ واڌ ڏيکاري ٿو.

(1) **ٻج:**

ڪونوڪارپس جو ٻج پڪي شوق سان ڪائيندا آهن. ان لاءِ ضروري آهي تہ جيئن ٻج نظر اچي تہ هڪدم وڻ جي هيٺان صاف ڪپڙو وڇائي، شاخن کي ڏونڊاڙي هن جو ٻج گڏ ڪيو وڃي تہ جيئن زيان ٿيڻ کان بچي وڃي. ٻج ڪنو ڪري، ان مان غير ضروري پتا، ڏاندين ۽ ڪک ڪڍي شيشي جي برنين ۾ محفوظ ڪيو وڃي تہ جيئن جيت ان تي اثر نہ ڪري.

(2) **نرسريءَ جي تياري:**

نرسريءَ جي تياريءَ لاءِ هڪ پنيري تيار ڪئي ويندي آهي. پنيري تيار ڪرڻ لاءِ واٽر ڪورس مان نڪتل سنهي واري جيڪا پٽرن، پٽن ۽ جيئن کان پاڪ هجي. استعمال ڪرڻ ضروري آهي. پنيري ٺاهڻ لاءِ سرن جي مدد سان هڪ فوٽ موڪرا ۽ ڇهہ فوٽ ڊگها پارا تيار ڪيا وڃن. انهن جي آبياري لاءِ پاڻي سيمي جي ذريعي ڏنو وڃي تہ جيئن مٽان پاڻي ڏيڻ سان ٻج مٽيءَ ۾ پورجي نہ وڃن. هڪ مهيني ۾ ٻج ڦٽي نندڙا سَلا ٿين ٿا. سلن جو قد جڏهن هڪ انچ جو ٿئي تہ انهن کي پلاسٽڪ جي ٿيلهي ۾ داخل ڪيو وڃي. پلاسٽڪ جي ٿيلهي ۾ واٽر ڪورس جي مٽي، چيڪي مٽي

۽ پاڻ جو هڪ جيترو مقدار وجهي، ٽيلهين کي چانوري ۾ رکيو وڃي، جتي انهن کي مناسب سج جي روشني ميسر ٿي سگهي. سَلن کي انتهائي خبرداريءَ سان هڪ نندڙو، آگر سان گهرڙو ٺاهي، پلاسٽڪ جي ٽيلهين ۾ وڏل متيءَ جي مرڪب ۾ پوکيو وڃي. هڪ مهيني تائين روز پاڻي ڏنو وڃي. باقي 5 مهينن تائين هر ٽئي ڏينهن پاڻي ڏنو وڃي. جڏهن ٻوٽا هڪ فوٽ قد ڪن تہ انهن کي گهربل جاءِ تي پوکيو وڃي.

(3) **ٻوٽن پوکڻ جو طريقو:**

جڏهن ٻوٽا هڪ فوٽ يا ان کان وڌيڪ قد ڪن تہ انهن کي زمين ۾ پوکيو وڃي. ٽيلهين کي تري مان چاقوءَ سان چهڪ ڏئي ان جي پلاسٽڪ ڦاڙي وڃي، ان بعد انهن کي گهربل جاءِ تي پوکي سگهجي ٿو.

ڪونوڪارپس کي مختلف طريقن سان پوکيو وڃي ٿو.

(الف) قطار جي شڪل ۾:

زمين جي چوڌاري ٻڌن تي واٽر ڪورسن جي بندن تي يا رستن جي ڪنارن تي، هن وڻ کي قطار جي شڪل ۾ پوکيو وڃي ٿو. ان لاءِ هر 3 ميٽرن تي 1 x1x 1 فوٽ جي ماپ سان کڏا کوٽيا وڃن. ٻوٽي کي سڌو بيهاريو وڃي. زمين جي ٻڌن تي انهن کي فصلن وارو پاڻ ۽ پاڻي ملندو رهندو. رستن جي ڪنارن تي هڪ فوٽ ويڪري ۽ هڪ فوٽ اونهي نالي کوٽڻ ضروري آهي تہ پاڻيءَ جو مقدار جاري رهي. انهيءَ وڻ جا پن کڏهن ٻہ نہ پٽيا وڃن ۽ نہ ان جي شاخ تراشي ڪئي وڃي.

(ب) هڙيءَ جي شڪل ۾:

هن وڻ کي 3x 3 ميٽرن جي فاصلي تي هڙيءَ جي شڪل ۾ پوکي سگهجي ٿو. ان سلسلي ۾ 100 x100 فوٽن جا پارا ٺاهيا وڃن ۽ پاڻي کال ذريعي ڏنو وڃي. صفائي 3 سالن کان پوءِ ڪئي

وڃي.

(4) **ڪاڻيءَ جو استعمال:**

تجربن ۾ ليبارٽري ذريعي حاصل ڪيل معلومات مطابق هن جو ڪاٺ انتهائي مضبوط آهي. مضبوطيءَ جي لحاظ سان هن کي شيشم ۽ ٻير جي وچ ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. يعني هي ٻير ڪاٺ گهٽ ۾ سيشم ڪاٺ وڌيڪ مضبوط آهي. سُڪل (Seasonal) ڪاٺ کي جڏهن رندو لڳندو آهي تہ هن جا داڻا نڪري ايندا آهن، جي ان جي خوبصورتيءَ جو باعث آهن. ان ڪري هن جو ڪاٺ ڪرسين، صوفن، ميزن ۽ در جي چوکاٽن ۾ استعمال ٿئي ٿو. هر جي لاءِ ٻ هن جو ڪاٺ مضبوط آهي.

(5) **خصوصيتون:**

تجربن مان حاصل ڪيل معلومات مطابق هي وڻ هر ڪنهن قسم جي زمين تي نشو نما پائي سگهي ٿو. اها زمين جيڪا لوٽاٽ جي ڪري ڪلراٹي ٿي چڪي هجي ان تي وڻ بنا ڪنهن پريشانيءَ جي سنو وڌي ٿو. ان ڪاٺ سواءِ هن وڻ جي واڌ ڪاري پاڻيءَ تي ٻ ٿي سگهي ٿي. سخت گرمي ۽ پاڻيءَ جي قلت هن وڻ تي اڳرو اثر نٿي وجهي. ان وڻ کي پاڻيءَ جي اٽاٺ برداشت ڪرڻ جي خاصيت حاصل آهي. اهڙيون زمينون جيڪي سم جي زد ۾ آهن اهي هن ٻوٽي جي واڌ تي ايترو منفي اثر نہ ٿيون وجهن. اهڙين زمين تي هن ٻوٽي جي واڌ سست ٿي ويندي آهي. هي وڻ 4 فوٽن تائين سم برداشت ڪن ٿا. هن وڻ جي ٽڙ وڍڻ سان هن جا مند (Coppice) وري ايري ايندا آهن.انهن کي اگر بچايو وڃي ۽ ڪمزور شاخون ڪٽي، صحتمند شاخون بچايون وڃن تہ هي وڻ نئين سر وڌي سگهي ٿو.

جمون

ڄمون

تعارف:

هي سدا بهار وڻ پنهنجي گهاڻي ڇت سبب گهٽو پسند ڪيو وڃي ٿو. هن جو ڇوڏو هڪ انچ ٿلهو، ميرنجهڙو يا ناسي ٽڻي ٿو. هن جي پوک جو مقصد هن جو ميوو آهي جيڪو ذيابيطس جي مريض لاءِ اڪسير آهي. هن جي ڪاٺي سخت، پائيدار ٿئي ٿي. جنهن مان هر قسم جا در، فريم ۽ بيم ناهيا وڃن ٿا. هن کي ٻيلن ۾ به پوکيو وڃي ٿو. زرعي زمينن تي هن جي پوک تمام شوق سان ڪئي وڃي ٿي. گرم علاقن ۾ هن کي ڇانوَ طور پوکيو وڃي ٿو. هي وڻ هندستان، پاڪستان، برما، سيلون ۾ گهٽو پوکيو وڃي ٿو. همالين جي چوٽين تي 4000 فوٽن جي اوچائي تي به وڌي ٿو. هي وڻ درياهن جي ڪنارن، سمن ۽ ڪلر وارين جاين تي به ايري ٿو. اهڙا علاقا جتي گرميءَ جو درجو 20 کان 50 سينٽي گريڊ جي وچ وارو هوندو آهي ۽ سالياني بارش 500 کان 5000 ملي ميٽر هجي تہ هي اتي قدرتي طور جنم وٺندو آهي.

(1) ٻج، گل ۽ ميوي جون خصوصيتون:

جنوريءَ ۾ هن جا پن ڇڻي پوندا آهن ۽ مارچ تائين هن جا ڳوڙ وري ڦٽندا آهن ۽ نوان پن اپريل ۾ نمودار ٿين ٿا. مئي جي مهيني ۾ هن ۾ سفيد سبز گل پيدا ٿين ٿا. ميوو آگسٽ ۾ تيار ٿيندو آهي جيڪو رنگ ۾ ڀاهران ڪارو ۽ اندران گلابي هوندو آهي. ميوو جيئن تيار ٿيندو آهي زمين تي ڪري پوندو آهي. جيئن تہ هن جو ميوو سوادي هوندو آهي ان ڪري پکي ۽ جانور ڪائي ڇڏيندا آهن.

ڄمون، جوانيءَ ۾ ڇانو پسند ڪندو آهي. ڇانو وارن وڻ جي هيٺان هن جا ٻج جلدي ڦٽي پوندا آهن. شروع ۾ هن تي پارو اثر ڪري ٿو، بعد ۾ جيئن هي وڻ وڏو ٽڻي ٿو هن تي پارو اثر نٿو ڪري.

هن جو ٽڙ وڍجڻ سان، نيون شاخون يا مُندا نڪرن ٿا.

(2) **نرسريءَ جي تياري:**

هي وڻ بج رستي تيار ڪيو وڃي ٿو. هن جو ميوو برسات جي موسم کان اڳ ڪنو ڪيو وڃي ته جيئن خراب نه ٿين. هن جو ميوو ڪنو ڪري ڳر ڪڍي، بج کي ڪپڙي جي چادر تي ڦهلائي ان ۾ سڪايو وڃي.

پلاسٽڪ جي ٿيلهين ۾، واٽر ڪورس، چيڪي مٽي ۽ پاڻ جي هڪ جيتري مقدار ۾ مرڪب داخل ڪيو وڃي. ٿيلهين کي چانوري جي هيٺ رکيو وڃي. انهن کي هڪ مهيني تائين روز ۽ 5 مهينن تائين هفتي ۾ هڪ ڀيرو پاڻي ڏنو وڃي. 4 مهينن تائين هن کي نرسريءَ ۾ تاتيو وڃي ٿو.

(3) **پوٽن پوکڻ جو طريقو:**

زمين جي پٽن، واٽر ڪورسن جي بندن ۽ رستن جي ڪنارن تي هن کي 6 x5 ميٽرن جي وٿيءَ تي پوکيو وڃي ٿو. تجربن مان معلوم ٿيو آهي ته هموار ۽ پلي زمين تي ان جي واڌ هر سال فوٽ وڌي ٿي. ان مان ظاهر ٿيو ته هي وڻ سست رفتار آهي. هن وڻ کي زمين جي چوڌاري قطار جي شڪل ۾ لڳايو وڃي ٿو. جيئن ته هن جون شاخون فصلن تي چانو ڪن ٿيون ان ڪري هن جي شاخ تراشي ڪڍي وڃي. هن وڻ کي ڳوٺن ۾ خالي ميدانن ۽ آفيسن جي احاطي ۾ لڳايو وڃي ٿو.

هن وڻ جو اگر ٽڙ وڍيو وڃي ته ان مان مندا ڦٽي پوندا آهن. هن جا مندا يا شاخون تيز وڌن ٿيون. ان لاءِ ضروري آهي ته ڪمزور شاخون ڪٽي ڇڏجن ۽ صحتمند شاخون بچايون وڃن

زمين ۾ سڌو بج نه پوکي سگهجي ٿو. بج کي قطارن ۾ ناڙي رستي پوکيو وڃي بج کان بج جو مفاصلو 3 ميٽر هڻڻ گهرجي ته جيئن وڻ کان وڻ جو مفاصلو 5 x 5 ميٽرن تائين حاصل ڪري

سگھجي. ڪمزور ٻوٽا ڪڍي ڇڏجن شروع ۾ بج کي ڇانوري ۾ پوکجي. پاسيري ڇانوَ، سڌي ميڙان ڇانوَ کان بهتر آهي بج کي برسات جي موسم ۾ پوکيو وڃي. قطار کان قطار جو مفاصلو 5 ميٽر هئڻ گهرجي، هي وڻ 10 کان 15 سالن تائين تيار ٿئي ٿو. جنهن وقت ان جو ڪاٺ حاصل ڪري سگهجي ٿو.

پوکڻ کان پوءِ غير ضروري ٻوٽا ڪڍي ڇڏجن. ننڍڙا ٻوٽا جانورن جي چرڻ کان بچايا وڃن. شروع ۾ ننڍڙا سلا سست رفتار ٿين ٿا ۽ بعد ۾ انهن ۾ تيزي اچي وڃي ٿي.

(4) ڪاٺ جون خصوصيتون:

هن جو ڪاٺ فائدن وارو آهي، جنهن مان هر قار، در، فريم ۽ ڪٽ جا پاوا ٺهن ٿا. ان تي رنگ آساني٠ سان لڳي ٿو. ڪچي ڪاٺ کي اڏوهي اثر ڪري ٿي. عام زميندارن هن وڻ کي صرف ميوي جي لاءِ پوکيندا آهن جنهن جي ڪري فصلن سان گڏوگڏ ميوي مان فاضل آمدني ٿئي ٿي.

(5) سم ۽ ڪلراٹي زمين تي واڌ:

تجربن مان معلوم ٿيو آهي ته اها زمين جنهن ۾ سم جو پاڻي 4 کان 5 فوٽن کان هيٺ آهي هي وڻ آساني٠ سان ايري سگهي ٿو. ان کان سواءِ ڪلراٹي زمين تي به هن جي واڌ اطمينان بخش آهي.

(6) فصلن جي چوڌاري قطارون

ڪيترا زميندار جن جون زمينون گرم علاقن ۾ واقع آهن، جمون جي وڻ کي هڪ پناهه گاهه يا Shelter belts طور پوکيندا آهن. جنهن جي ڪري زمين ۾ نمي برقرار رهي ٿي. جيئن ته ان جون شاخون فصلن تي ڇانو ڪن ٿيون ان ڪري زميندار کي گهرجي ته هن جون شاخون ڪٽي ڇڏي ته جيئن ڇانو نه ٿي سگهي.

سرنهم

سرنهم

تعارف:

هي خوبصورت خوشبودار وڻ رستي جي ڪنارن، ڳوٺن ۽ شاخن سان لڳولڳ انتهائي دلڪش منظر پيدا ٿو ڪري. هن جا ٻيلا سڳنڌ پريا گل ماحول کي معطر بنايو ڇڏين. هن جي گهاٽي ڇانو گرمين ۾ انسان ۽ جانور جي لاءِ باعث تسڪين آهي. هن جو پلڙو سنهو خشڪ ۽ زمين تي ڪرڻ سان ڦاٽيو پئي جنهن جي ڪري هن جا بج هوا جي زور تي ڪافي پري تائين ڦهلجيو وڃن. ان وڻ جو بج پکي ۽ جانور شوق سان کائين ٿا. هي وارياسي ۽ چيڪي مٽيءَ تي سٺو قد ڪري ٿو. هن جو ڇوڏو ڪاراڻ تي مائل ٿئي ٿو. جنهن ۾ ڪيترا چير پيل نظر ايندا. هن وڻ ۾ ڪافي شاخون ٿين ٿيون. ٻين وڻن جي موجودگي ۽ گهٽ وٽيءَ جي حالت ۾ هي وڻ ڏکو وڌي ٿو. جنهن جي ڪري هن جو ٽڙ سڌو ٿئي ٿو. پاڪستان، هندستان، سيلون، بنگلاديش ۽ برما ۾ هي وڻ باغن، شاهراهن تي گهٽي مقدر ۾ ايري ٿو. همالياه جي جبلن تي 4000 فوٽن تائين هن جي پوک ڪئي وڃي ٿي.

(1) پن، گل ۽ ميوي جون خاصيتون:

سياري جي موسم ۾ هن جا پن ڇڻي پوندا آهن. اپريل ۾ نوان ڳوڙ ڦٽندا آهن. مئي ۾ گل جهليندو آهي جنهن جي خوشبو هر طرف ڦهلجي ويندي آهي. جون ۾ ميوو جهليندو آهي، جنهن جي شڪل پلڙي جهڙي هوندي آهي. هوا جي زور تي پلڙا ڪري پوندا آهن ۽ ڦاٽي پوندا آهن. بج بيضوي شڪل جا سخت ۽ هلڪا هوندا آهن. هن جي عمر هڪ سال تائين هوندي آهي. تازا ڪٺا ڪيل بج جلد ڦٽندا آهن. ٻجن کي جيتن ۽ پکين جي اثر کان بچائڻ لاءِ هن جو بج هن جي پلڙي مان ٽي ڳڏ ڪجي، برسات پوڻ جي ڪري هن جو بج ناس ٿي ويندو آهي.

(2) نرسريءَ جي تياري:

عام طور ٻيلي کاتي جي نرسريءَ ۾ سرنهه جا قلم ملي سگهن ٿا. تنهن هوندي به هن جي بج مان قلم ۽ ٻوٽا تيار ڪري سگهجن ٿا. هن جو بج گڏ ڪري هڪدم هن جي پنيري تيار ڪئي وڃي. تازو گڏ ڪيل بج سٺو ڦٽي ٿو. مٽي جي مهيني ۾ بج گڏ ڪري هن جي نرسري تيار ڪئي وڃي. نرسري لڳائڻ کان اڳ زمين کي هر ڏينهن تيار ڪيو وڃي. ان ۾ چيٽي جو پاڻ ۽ واهه جو لٽ وڌو وڃي. ان کان پوءِ زمين کي سڌو ڪري ڏيڍ فوٽ ويڪريون ٻاريون ناهيون وڃن. ان ۾ پاڻيءَ جون اڌون ناهيون وڃن. سرنهن جو بج سمورين ٻارين ۾ وڇهڻ بدران انهن جي ڪنارن تي هڪ قطار ۾ پوکيو وڃي. اڌن ۾ پاڻي اهري طرح وهائڻ گهرجي، جيئن بج واري مٽي آلي هجي. ٻارين ۾ وڌل بج اٽڪل ستن ڏينهن ۾ ڦٽي پوندو آهي.

(3) ٻوٽن پوکڻ جو طريقو:

سرنهه ۾ن طريقن سان پوکي سگهجي ٿي. بهتر طريقو قلم هٽڻ وارو آهي. بهرحال پورو ٻوٽو به پاڻ سميت ڪڍي ڪڏ ۾ پوکي سگهجي ٿو. ٻوٽي مان قلم ناهڻ لاءِ تاريءَ مان 8 سينٽي ميٽر ۽ پاڙ مان اٽڪل 22 سينٽي ميٽر وڏي قلم ناهي سگهجي ٿو. هي قلم جنهن جي ڪل ڊيگهه 30 سينٽي ميٽر ۽ ٿولهه اٽڪل 2 سينٽي ميٽر هوندي، 22 سينٽي ميٽر جي گهري سوراخ ۾ هنيو ويندو آهي. ٻوٽن يا قلمن جي وچ ۾ مناسب وٿي رکڻ گهرجي. ٻن قلمن جي وچ ۾ مفاصلو 4 ميٽر رکڻ گهرجي. نرسريءَ مان ڦٽل قلم پاڙن سميت زمين تي پوکي سگهجي ٿو. ان لاءِ ضروري آهي ته پاڙڻ جي مٽي پاڙن کان جدا ڪئي وڃي.

نرسريءَ تي چانورو بلڪل نه هجي. چانورو بج جي ڦٽڻ ۾ رندڪ وجهي ٿو. نرسري ۾ گند گاهه بلڪل نه هجي. تجربن مان ظاهر ٿيو آهي ته نرسريءَ مان حاصل ڪيل ٻوٽا چئن مهينن ۾ 3

کان 4 فوٽ تائين وڌن ٿا.

پلاسٽڪ جي ڳوٽريءَ ۾ واهه جي لٽ، چيڪي مٽي ۽ پاڻ جي هڪجيتري مرکب ۾ سڌو ٻج وجهي ٻه ٻوٽو حاصل ڪري سگهجي ٿو. ننڍڙا سلا پاري کان بچائڻ گهرجن ٽيلهين کي کلي فضا ۾ ڇانوري کان پري پوکڻ گهرجي. سرنهن جو وڻ پنهنجي پاڙن مان ٻچا ٻه پيدا ڪندو آهي جنهن کي Root- Sucker چئجي ٿو. مشاهدي مطابق هڪ بالغ ۽ پراٽو وڻ 100 فوٽن تائين پاڙن رستي ٻچا پيدا ڪري سگهي ٿو.

زمين ۾ قلم ۽ پلاسٽڪ جي ٽيلهين ۾ پيدا ڪيل ٻوٽن کان سواءِ سڌي طرح ٻج ٻه پوکي سگهجي ٿو. ٻج کي زمين ۾ ننڍڙين نالين ڪڍي جيڪي $1\frac{1}{2} \times 1\frac{1}{2}$ فوٽ ويڪرين هجن ڪنارن تي پوکي سگهجي ٿو ۽ گند ۽ گاهه بلڪل ڪڍيو وڃي. پاڻيءَ جو مناسب سرشتو هٿ ڪپي. ٻج کي زمين ۾ ڪڏو ڪوٽي ٻه پوکي سگهجي ٿو مگر بهتر اهو ٿيندو ته نرسريءَ مان تيار ڪيل 6 مهينن جو ٻوٽو پوکيو وڃي.

4- واڌ ويجهه:

هن جي واڌ تيزيءَ سان ٿئي ٿي. تجربن مان ظاهر ٿيو آهي ته 13 سالن ۾ هي وڻ 3 فوٽ ٽولهه ڪري ٿو ۽ قد ۾ 3 فوٽ وڌي ٿو. سرنهه جو وڻ وهندڙ واٽر ڪورسن جي بندن ۽ واهن جي ڪنارن تي سٺي واڌ ڏيکاري ٿو. هن وڻ کي سخت سردي نقصان ٿي ڪري. سخت سرديءَ جي علائقن ۾ هن وڻ جي واڌ سست آهي.

5- ڪاڄ جو استعمال:

سرنهه جا ٻه قسم عام طور پوکيا وڃن ٿا. هڪ ڪارو سرنهه ۽ ٻيو اڇو سرنهه، ڪارو سرنهه رستن جي ڪنارن، واهن جي ڪنارن، آفيس ۽ اوطاقن جي اڳيان خالي پيل جاين تي صرف

سونهن ۽ چانوَ جي لاءِ استعمال ٿئي ٿو. ان کري هن وڻ جي کائي صرف تڏهين استعمال کبي آهي جڏهين وڻ هوا ۽ بارش جي کري کِري پوي. کاري سرنهن جي کاڻ جو ڳاڙهسرو حصو کرسين، ميزن، هار ڦار ۽ در دروازن جي پينل ۾ کم اچي ٿو. اڇو حصو تمام کچو ٿئي ٿو. اڇي سرنهن جو کاڻ نرم ٿئي ٿو ۽ صرف کريٽن ناهڻ ۾ کم اچي ٿو. سرنهن جي کائيءَ کي اڏوهي جلد اثر کري ٿي ان کري ان کي زمين جي ڇهڻ واري سامان جيئن در جي فريمن ۽ ٿوڻين طور استعمال نه کجي.

بیر

ٻير

ٻير وڇولي قد جو ۽ سدابهار وڻ آهي، جيڪو پٽريلي ۽ ڪلرائي زمينن تي ٻ وڌي ويجهي سگهي ٿو. ملڪ جي ڏاکڻين علائقن جو هي واحد اهم وڻ آهي. ٻير قدرتي طور تي سنڌ صوبي جي درياهي علائقن ۾ ٿيندو آهي، پر ان کان سواءِ جتي پاڻيءَ جو انتظام هجي اتي ٻ ٻير جو وڻ پوکي سگهجي ٿو. ٻير وڌيڪ پاڻي برداشت ڪري ويندو آهي، پر زمين تي پاڻي جي بيهي رهڻ سان ان جا ٻوٽا ختم ٿي ويندا آهن. ٻير جي قدرتي حد سمنڊ جي سطح کان اٽڪل 400 ميٽرن تائين آهي. عام طور پنجاب صوبي جي خشڪ علائقن ۾ جتي سالياني سراسر بارش 20 انچ ۽ ان کان وڌيڪ هجي تہ بهتر وڌي ويجهي سگهي ٿو. گهٽ پيداواري علائقن ۾ ٻير لڳائڻ سان زمين جي پٽداواري صلاحيت ٻ وڌي ويندي آهي. معمولي ڪلر واري زمين تي ٻير لڳائي سگهجي ٿو ۽ ان کي لڳائڻ سان زمين جي پيداواري صلاحيت بحال ڪري سگهجي ٿي، پر گهڻي ڪلرائي زمين تي ٻير پوکڻ ممڪن ڪونهي.

ملڪ ۾ هي گهٽ پيداواري علائقن ۾ ٻ بهتر واڌ ويجهہ ڪري سگهي ٿو. جن علائقن ۾ وڌ ۾ وڌ گرمي 105 کان 122 ڊگري فارن هائيٽ جي وچ ۾ هجي ۽ گهٽ ۾ گهٽ 40 ڊگريون هوندي آهي اتي هي قدرتي طور تي ٿيندو آهي. اهڙن علائقن ۾ جتي زمين هينائين سطح تي سخت هجي، ان جي واڌ تي منفي اثر پي ٿو. عام طور تي ٻير ٻن قسمن جو ٿئي ٿو. هڪ جنهن جون تاريون وڻ جي شڪل کي چٽي جيان ناهي وٺندیون آهن ۽ ٻيو ڊگهي شڪل جو ٿيندو آهي. ٻئي قسم جو وڻ سرگوڏا ۽ خوشاب ۾ ٻين ضلعن جي ٻيٽ ۾ وڌيڪ ٿيندو آهي. وَڻَ جي واڌ زمين جي مناسبت سان لاڳاپيل هوندي آهي. پر سني زمين تي ان جي اوچائي 15 کان 20 ميٽر هوندي آهي.

(1) **ٻج جو حصول:**

ٻير جو وڻ عام ڪري 5 کان 7 سالن جي عمر ۾ ڦل ڏيڻ شروع ڪندو آهي. هر سال جون مهيني کان سيپٽمبر جي وچ ۾ ٻير تي پيلي رنگ جي ڇڪن جي صورت ۾ ننڍا ننڍا خوشبودار گل ڦٽندا آهن، ڪنهن وقت ته گل ڊسمبر جي مهيني تائين ڏسڻ ۾ ايندا رهندا آهن. وچ اپريل کان مئي مهيني جي آخر جي وچ ۾ ڪجهه ڏينهن لاءِ ٻير جا پتا بلڪل ڇَڏي ويندا آهن، جنهن کان ترت پوءِ نوان پن نڪرڻ شروع ٿي ويندا آهن.ان دوران ڦل جيڪو 3 کان 6 انچ ڊگهين ڦرين جي صورت ۾ هجي ٿو اهو پچي ويندو آهي. عام طور 8 کان 12 ٻج في ڦري موجود هوندا آهن. جيڪي 30 گرام وزن ۾ 200 کان 300 تائين موجود هوندا آهن. پڪل ڦرين کي ڪٽو ڪري ان مان ٻج حاصل ڪيو ويندو آهي. ٻير جو ٻج اٽڪل 4 کان 5 سالن تائين کارائتو هوندو آهي، پر اها پڪ ڪري وٺڻ ضروري آهي ته سمورا ٻج چڱي نموني خشڪ (سڪل) آهن ۽ اهي خشڪ جڳهه تي رکيا ويا آهن.

(2) **نرسريءَ جي تياري:**

عام طور تي ٻير جي پوک هر ڏنل زمين تي ٻج چٽڻ سان ڪئي ويندي آهي...ٻيجاري کان وٺي ٻير جي پوک هر ڏنل زمين، جنهن ۾ گهمر هجي، وڌيڪ ڪامياب رهندي آهي. ڇاڪاڻ جو ٻجن جي پوکي جو عمل بهتر ٿئي ٿو، جيڪا ڪامياب ويندي آهي. پر اهڙن علاقن ۾ جتي زمين سڻي نه هجي ۽ موسمي حالتون اڻ ٽهڪندڙ هجن ته نرسري ۾ تيار ڪيل ٻوٽا لڳايا ويندا آهن. سجو ٻوٽو لڳائڻ سان ڪجهه فائدا ٻه آهن. هڪ اهو ته ٻج ضايع نه ٿيندو آهي ۽ ٻيو ته ٻوٽا مناسب وٿيءَ تي هنيا ويندا آهن.

پر ٻئي طرف سڌو سنئون زمين تي ٻج چٽڻ سولو ڪم آهي. ڇَڏَ جي لاءِ في ايڪڙ ٻه ڪلو ٻج ڪافي هوندو آهي ۽ جيڪڏهن قطار ۾ چٽ ضروري هجي ته هڪ ڪلو ٻج 180 ميٽرن جي ڊيگهه

جي لاءِ گهربل هوندو آهي. هِر جي پوک کي هڪ سال ۾ اٽڪل 8 کان ڏهه دفعا پاڻي جي ضرورت پوندي آهي. هِر جي نرسري پوليٿين جي ٽيلهين ۾ هنئي ويندي آهي. هميشه وانگر ٽيلهين کي مٽيءَ ۽ پن جي پاڻ سان پري پوکائي جي لاءِ تيار ڪيو ويندو آهي. پوليٿين جي ٽيلهين ۾ اڏاڻ واري ۽ مٽي پري هر هڪ ٽيلهيءَ ۾ هڪ ٻج وجهي ان تي اٽڪل هڪ سينٽي ميٽر تائين واري وجهي ڇڏيو ۽ پوءِ انهن کي روزانو ڦوهاري سان پاڻي ڏنو وڃي. پوکڻ کان اڳ ٻج کي پاڻي ۾ ٻوڙڻ سان مٿل ٻج جدا ڪري سگهي ٿو. باقي رهيل ٻج کي اٻرندڙ پاڻي ۾ ٻوڙي 24 ڪلاڪن تائن رکيو وڃي ته اهو جلد ڦٽي پوندو. پاڻي کي اٻارڻ کان پوءِ باهه تان لاٿو ويندو اهي ۽ پوءِ ان ۾ هِر جو صاف ٻج ڇانيو ويندو آهي ۽ ٻئي ڏينهن تي ڪيو ان کي پوکي سگهجي ٿو.

جيڪڏهن اهڙو عمل ڪرڻ ممڪن نه هجي ته پوءِ ٻج کي 24 ڪلاڪن تائين ڇيٽي ۾ بند ڪيو ويندو آهي. جنهن کان پوءِ ٻج جلد ڦٽي پوندو آهي. هن جي پوکڻ جي مناسب ترين مُند مارچ کان جولاءِ تائين آهي. پوليٿين جي ٽيلهين ۾ وڏل ٻج جنهن جي مٽان مٽي ٻج جي ٽولهه جيتري وڏل هجي ۽ پوءِ پاڻي ڏنو ويندو آهي..

ٽلهين جي سائيز گهٽو ڪري 4 x 7 انچ هوندي آهي. پر وڏا ٻوٽا تيار ڪرڻا هجن ته ڏيگهه 12 انچن تائين وڌائي سهجي ٿي. جو ته ننڍن ڇاول ٻوٽي جي پاڙ غير معمولي طور ڊگهي هوندي آهي. ڦٽڻ وارو عمل ڇهين ڏينهن شروع ٿي ويندو آهي ۽ اٽڪل 33 ڏينهن تائين مڪمل ٿي ويندو آهي. ٽن مهينن ۾ ٻوٽي جو قد سراسر 30 سينٽي ميٽر ۽ هڪ سال ۾ اٽڪل 50 سينٽي ميٽر ٿي ويندو آهي. هِر جا ٻوٽا 3 کان 4 مهينن تائين تيار ٿي ويندا آهن ۽ زمين ۾ پوکي سگهجن ٿا. ان کان اڳ گهٽ ڇانوَ ۽ گهٽ پاڻيءَ وسيلي ٻوٽا سخت جان ڪري سگهجن ٿا. سياري ۾ ڪوهيڙي ۾ اهي ٻوٽا مري ويندا آهن. انهن کي بچائڻ جي لاءِ پاڻي هٽڻ ۽ انهن کي ڍڪڻ نهايت ئي فائدي وارو آهي.

(3) پوٽن جي پوکڻ جو طريقو:

ٻير جي وڻ جي پوکڻ جي بهترين مند بهار جي ۽ گرمين جي مند جا شروعاتي ڏينهن آهن. جڏهن ته باراني علاقن ۾ هن جا ٻوٽا مينهن پوڻ وارن ڏينهن ۾ پوکڻ گهرجن. ڪلر واري زمين ۾ ٻوٽا پوکڻا هجن ته گهٽا وڌا ٻوٽا نه رکڻ گهرجن. پر هڪ فٽ قد وارا ٻوٽا سخت جان ڪري هنيا وڃن جتي گهٽي ڪلر واري زمين هجي اتي نرسري ۾ تيار ڪيل ٻوٽا مري ويندا آهن. پوٽن پوکڻ وقت ٽيلهي جي تري کي ڪٽڻ گهرجي.. باقي ٻن طرفن کان ٽيلهي کي رهڻ ڏجي. ٻوٽي پوکڻ کان اڳ تري جي هيٺان 2 يا 3 انچ سٽي مٽي وجهڻ گهرجي، جيئن ٻوٽي کي ڪلر واري زمين سان نباهه ڪرڻ جو مناسب موقعو ملي سگهي. جيڪڏهين زمين سمر واري آهي ته اٽڪل 2 فٽ مٽاهين ڊير جي ٻاهران آندل مٽي هيٺان وڇائي مٽان ٻوٽو پوکڻ گهرجي، جيئن اهو سمر واري زمين کان پري رهي ۽ پنهنجي پاڙ پختي ڪري.

درياهي علاقن ۾ ٻوڏ جي پاڻي لهڻ کان پوءِ هن جي بچ جي ڇٽ ڪئي وڃي ۽ قدرت جي مهرباني سان ننڍن ننڍن ٻوٽن جي گهاٽي پيداوار هاصل ٿئي ٿي. سيرابي ۽ ۾ جيڪا زمين بيڪار يا بنجر پئي هجي يا اها زمين جنهن کي زرخيز ڪرڻو هجي ته ان ۾ ٻير جي وٽڪاري ڪاميابي سان ڪري سگهجي ٿي.

بهتر آهي ته ٻنين ۾ پوکڻ جي لاءِ نرسري ۾ تيار ڪيل ٻوٽا هڪ سال جي عمر کان وڌيڪ جا نه هجن نه ته انهن جون پاڙون ڪافي وڌي وڃن ٿيون ۽ ڪامياب وٽڪاري ڪري نه ٿي سگهجي. ٻير ۾ هيءَ هڪ خاص خوبي آهي ته جيڪڏهن ان کي سياري ۾ ڪوهيڙي کان بچايو وڃي ته اهو اهڙين ڏکين جائين تي به پلجي سگهي ٿو، جتي ٻيا ٻوٽا ناڪام ٿي ويندا آهن. جيڪڏهن زمين نرم ۽ واريائسي هجي ته ٻيجاري جي عمل ۽ مناسب پاڻي ڏيڻ سان ٻير جي پوک سولائي سان ڪري سگهجي ٿي. هڪ ڳالهه جو خيال رکڻ گهرجي ته نوان جاول ٻوٽا بينل پاڻي ۾ مري ويندا آهن.

جيڪڏهن نندا نندا بند ناهي انهن جي پوک ڪئي وڃي، جتي پاڻي زمين ۾ هليو وڃي تہ اهي ڪامياب رهندا.

اهڙن علاقن ۾ جتي سالياني بارش سراسر 20 انچن کان گهٽ پوي ٿي، اتي پاڻي ڏيڻ نهايت ئي ضروري ٿيو پوي، سواءِ درياهي ٽُڪرن جي باراني علاقن ۾ ٻيڙ جي پوکيل فصل کي مينهن نہ پوڻ ڪري ڪافي نقصان رسي ٿو ۽ اها ڳالهہ مشاهدي ۾ آئي آهي تہ 2 کان 3 سالن جي عمر وارا پوٽا بہ مري ويندا آهن.

(4) پوٽن جي افزائش:

جيڪڏهن زمين ۾ ٻيجاري جي طريقن سان پوٽا پوکيا ويا هجن تہ اٽڪل چوٽين ۽ پنجين سال انهن جي ڇانگ جي ضرورت پوندي آهي. اهڙي عمل سان سڀني واڌ ڪندڙ پوٽن کي گهٽي جاءِ ڏيڻ لاءِ اڌ جي ويجهو پوٽا ڪڍيا ويندا آهن تہ جيئن چوندڙيل پوٽا بهتر نموني سان وڌي ويجهي سگهن. جيڪڏهن اهڙو عمل نہ ڪيو ويندو تہ ملندڙ فصل ڪمزور ٿي ويندو. هڪ خاص ڳالهہ هيءَ آهي تہ ٻيڙ جي وڻ کي وڌ کان وڌ اس گهرجي ٿي. ان ڪري نندن پوٽن جي چوڌاري جڙي پوٽين ۽ گاهہ جي صفائي لازمي ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اهي پوٽا ڇانوَ وري هنڌ تي پوکيل هوندا تہ اهي مري ويندا يا وري ڪمزور ۽ نڪل ٿي ويندا. ان کانسواءِ جيڪڏهن سڌو ٽڙ حاصل ڪرڻو هجي تہ چوٽين سال غير ضروري ٽاريون ٽڙ مان اهڙي طرح صاف ڪيون وڃن جيئن ٽارين جو معمولي حصو بہ ٽڙ سان نہ رهي. ڇانگ جي ان عمل کي اهڙي ريت ڪيو وڃي جو وڻ جي اڌ حصي تي ٽاريون موجود هجن، جيئن ان جي خوراڪ جو بندوبست ٿيندو رهي.

(5) ٻيڙ جي واڌ ۽ ان جو استعمال:

درياهي علاقن ۾ ان جي واڌ بہ تقريباً اهڙي ئي هوندي آهي. اڪثر حالتن ۾ ٻيرا ٻير جو قدرتي لوڙهو هڻڻ جي نيت سان بہ ٻير

پوکيا ويندا آهن. اهڙي صورت ۾ مٽي وڌندڙ تارين کي وڌيو ويندو آهي ته جيئن ان ۾ وڌيڪ ڪنڊا ۽ ڦريون ٽين ۽ ڊيگهه ۾ هن جو قد گهٽ ٿئي. ان جي مضبوط ۽ گهٽي وقت تائين هلندڙ ڪائي گهرن جي اڏاوت، ڏاند گاڏي، زرعي اوزارن ۽ پوک جي سمورين ضرورتن لاءِ ڪافي موزون آهي. هن مان ٻارڻ ۽ اعليٰ نموني جو ڪوئلو به حاصل ٿئي ٿو. ڪائيءَ جو چوڏو چمڙو رنگڻ جي ڪم اچي ٿو ۽ ان جي ڪوئر رنگن ۽ ديسي دوائن ۾ استعمال ٿيندي آهي. تارين تي لاک جا ڪينئان پاليا ويندا آهن. گهٽو ڪري زميندار ائن ۽ ٻڪرين کي ٻهر جون ڦريون ڪارائيندا آهن. جيڪي جانورن جي لاءِ هڪ موچاري سگهه جو وسيلو بڻجن ٿيون. پکي به هن جون ڦريون ڪائيندا آهن.

(6) معاشيات:

جيڪڏهن کيت ۾ رڳو ٻهر جي وٽڪاري ڪرڻي هجي ته بهتر آهي ته ڏهن ڏهن فٽن جي وٿي تي پوتا پوکيا وڃن جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪامياب وٽڪاري ٻيجاري سان ڪري سگهجي ٿي. تنهن ڪري اهڙي صورت ۾ چوٽين پنجين سال چانگ جي وقت ايترا ٻوٽا رهڻ ڏنا وڃن جيڪي ڏهن ڏهن فٽن جي وٿي تي هجن. ان چانگ مان به واڌو اپت ٿي سگهي ٿي. چانگ کان پوءِ اهڙي ريت رکيل ٻوٽا هڪ ايڪڙ ۾ اٽڪل 435 وڻ پيدا ڪن ٿا. جيڪڏهن اسان في ايڪڙ 350 وڻ به ڳڻيون ته 15 سالن کان پوءِ سڀني زمين مان اهي وڻ اٽڪل 30 مڻ ٻارڻ ڏئي سگهن ٿا. جيڪڏهن اسان موجوده ملهه يعني 50 رپيا مڻ به لڳايون ته 35000 رپين جي اپت ٿيندي جيڪا في ايڪڙ 3500 رپيا سالياني نڪري ٿي.

توت

توت

تعارف:

توت هن ملڪ جي اڪثر حصن ۾ پوکيو ويندو آهي. هن جو اصل وطن چين آهي. سڄي دنيا ۾ هن جا اٽڪل چوٽيهه قسم پوکيا ويندا آهن، پر پاڪستان ۾ ديس قسم کان سواءِ جپاني ۽ ڪوريا مان آيل جهڳٽن جهڙو توت پوکيو ويندو آهي، جيڪو بنيادي طرح ريشم جا ڪيڙا پالڻ جو ڪم ايندو آهي. هن پمفليٽ ۾ جهڳٽي جهڙي توت جون مختصر خاصيتون بيان ڪيون ويون آهن، جيئن پڙهندڙ ۽ آبادگار ان مان فائدو وٺي سگهن.

(1) علائقائي ورهاڱو:

(الف) ديسي توت: ديس توت کي ٽيڪنيڪي زبان ۾ "مورس البا" سڏيو ويندو آهي. هي دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ پوکيو ويندو آهي. هن جي پيدائش جو خطو وسيع آهي. هي سمنڊ جي سطح کان وٺي اوچن پهاڙن تي هڪجهڙي انداز ۾ جنم وٺي ٿو. هي برف جمڻ واري گرمي پد کان وٺي 115 درجا فارن هائيٽ جي حد تائين گرمي سهي ويندو آهي، پر پاڻي جي گهٽتائي برداشت ڪرڻ کان ٻاهر آهي. هن جي واڌ لاءِ ميرا زمين نهايت ئي مناسب آهي، چيڪي مٽي، پٽرائين مٽي ۽ وڌيڪ واريا سي زمين ۾ هن جي واڌ گهٽجي ويندي آهي. سم ۽ ڪلر واري زمين ۾ هن جو ڦٽڻ ناممڪن آهي.

(2) واڌ:

ديسي توت وچولي واڌ واوو وڻ آهي. جيڪڏهن پاڻي ۽ زمين جي سپلاءِ هن جي گهربل معيار مطابق آهي تہ هي اٽڪل 15 سالن جي اندر معياري ڪاٺ پيدا ڪرڻ جهڙو ٿي ويندو آهي. ان عمر ۾ هن جي ٽڙُ جو قطر اٽڪل 24 انچ ۽ قد اٽڪل 40 فٽ ٿي

ويندو آهي. هن جي ڊگهي کان ڊگهي وڻ جو قطر 60 انچ ۽ قد 58 فٽ معلوم ڪيو ويو آهي.

(3) قدرتي واڌ ويجهه:

ديسي توت قدرتي طرح بج مان پيدا ٿيندو آهي. هن جو بج پاڻي يا پکين وسيلي واهن ۽ زرعي زمين ۾ پکڙجندو آهي. جيڪڏهن هن جي واڌ جي لاءِ مناسب ماحول ملي وڃي تہ هن جو سلو پاڙ پختي ڪري وڻي ٿو. تلير هن جي قدرتي واڌ ويجهه ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

(4) هٿرادو پوک:

جيتوڻيڪ ديسي توت کي بج مان ب پوکي سگهجي ٿو، پر هن جي وڏي پئماني تي پوک لاءِ نرسري مان هن جي پاڙ جو حاصل ڪيل قلم بهتر ڏٺو ويو آهي. قلم جي ٿولهه هٿ جي وچين آڱر جيتري ۽ ڊگهائي 9 انچ هجڻ گهرجي. جنهن ۾ ڇهه انچ پاڙ ۽ ٽي انچ ٽڙ شامل هجڻ گهرجي. قلم صحتمند ٻوٽن مان وٺڻ کپن. سنها ۽ ٽلها قلم پوکڻ جي لاءِ مناسب نہ هوندا آهن. قلمن سان گڏ ٽي چار گونج ب هجڻ ضروري آهن تہ جيئن ناڪامي جا امڪان گهٽجي وڃن، توت جي وٽڪاري سالم ٻوٽن سان ب ڪري سگهجي ٿي. ذخيرن ۾ توت جي وٽڪاري شيشم جي ڇهن سالن جي فصل جي چانوَ هيٺ ڪئي وڃي ٿي. جنهن ۾ تازو ڇٽائي ڪئي وئي هجي. توت جو قلم نالين جي هڪ طرف لوهه جي هڪ شيخ جي مدد سان لڳايا وڃن ٿا. قلم هٽڻ وقت اهو خيال ڪرڻ گهرجي تہ هن جي ٽ وارو حصو زمين جي اندر ۽ گونچئن وارو حصو زمين کان باهر هجڻ گهرجي. قلم هنڻ کان پوءِ هن جي چٽني پاسن کان پيرن سان متي کي چڱي طرح دٻائڻ گهرجي، جيئن قلم ڊگهو نہ ٽئي.

توت جي وٽڪاري بهار جي مند ۾ ڪري سگهجي ٿي ۽ مينهوڳي واري مند جي شروع ۾ ب. بهار جي شروع ڪيل

وٹڪاري ۾ين مهين جي پيٽ ۾ ڪافي بهتر ۽ ڪامياب ثابت ٿيندي آهي.

نئين پوکيل قلم کي هفتي ۾ هڪ پيرو پاڻي ڏيڻ لازمي آهي. پوءِ ان وقفي کي وڌائي سگهجي ٿو جو ته توت کي ۾ين وٹڻ جي پيٽ ۾ وڌيڪ پاڻي کپندو آهي. تنهنڪري هن کي پاڻي ڏيڻ واري وٹي ڏهن کان پندرهن ڏينهن کان وڌيڪ گهرجي. سائنسي طرح ۾ نسلي توت جي پوک لاءِ زمين پلوڙ ۽ سڌي هجڻ گهرجي. وٹڪاري کان اڳ ۾ مناسب مقدار تائين ڇيٹا يا پن جو پاڻ وجهڻ گهرجي ۽ زمين ۾ هر هلائي ان کي سهٹي نموني سڌو ڪيو وڃي. سڌن ٻارن کان سواءِ توت اڌ يا واهين جي هڪڙي ڪناري تي پٹ پوکي سگهجن ٿا. ٻارن ۾ قلم 3x 5 فٹ جي وٹيءَ سان پوکيا وڃن، جڏهن ته اڌ يا واهي جي ڪناري تي 5x 5 فٹ جي وٹڪاري بهتر نتيجا ڏيئي سگهي ٿي. وٹڪاري کان پوءِ ٻوٹن جي ڇانگ ۽ گڈ ۽ گاهه جي اجاين ٻوٹن کي ختم ڪرڻ گهٹو ضروري آهي. ٻوٹن جي مناسب واڌ ويجهه لاءِ زمين ۾ 60 کان 70 سيڪڙي تائين آلاڻ رهڻ گهرجي، ۽ نسلي توت کي هفتيوار پاڻي ضرور ڏيڻ کپي.

(3) **ڇانگڻ:**

جيڪڏهن ۽ نسلي توت کي بنا ڇانگڻ جي اينئن ڇڏي ڏنو وڃي ته هو هڪ بي ڊولو وڻ ٿو بٹجي وڃي، جنهن جو ڪو به فائدو نه آهي، تنهنڪري هن جي سار سنيال لاءِ هن جي لامن کي ڇانگڻ ضروري آهي. انهي بنياد تي توت جي گروه بندي هيٹين ريت ڪئي ويندي آهي. (۱) ڊگهي ٹڙ وارا ٻوٹا بسمر = 170س۾ يا ان کان وڌ (۲) وچولي ٹڙ وارا ٻوٹا = 70س۾ تائين (۳) بنا ٹڙُ وارا ٻوٹا = 70 س م کان گهٹ. ڇانگ هڪ سائني عمل آهي جيڪو وڏي احتياط سان ڪرڻ گهرجي. ڇانگ ڪنهن تيز اوزار سان ڪئي وڃي، مٹي جاٹايل اوچائي مان ڪا به هڪ اوچائي اختيار ڪري

سگهجي ٿي. ڇانگ جي لاءِ اپريل ۽ ڊسمبر جا مهينا ٺيڪ آهن.

(4) فائدا:

ٻہ نسلو توت نهايت ئي فائدي وارو وڻ آهي. هڪ ايڪڙ ۾ 3 x 5 جي وٿي سان پوکيل 28500 ٻوٽن تي اٽڪل 8 پاکيٽ ريشم جا ڪيڙان پالي سگهجن ٿا. جن مان 8000 رپين جي آمدني ٿيڻ جي اميد ڪري سگهجي ٿي. جيڪڏهن سال ۾ ٻہ پيرا ڪيڙان پروري ڪئي وڃي تہ 16000 رپين جي خالص آمدني جي اميد ڪري سگهجي ٿي. جيڪا ڪنهن بہ ٻي زرعي فصل مان ٿيندڙ اپت کان گهٽ ڪانهي، نہ هجڻ گهرجي.

(5) توت جا دشمن

پالين ۽ جهنگ جا جانور توت جا ازلي ۽ پهريان دشمن آهن. سيئي جانور هن جا پن شوق سان کائيندا آهن، تنهنڪري ان کي مال کان بچائڻ نهايت ضروري آهي. جهنگ جي جانورن ۾ سيهڙ ۽ سوئر توت جا سڀ کان وڏا دشمن آهن، توت جا پن کائيندڙ جيت بہ هن کي خاصو نقصان رسائين ٿا. انهن سيني کان ان جي بچاءَ جو مناسب بندوبست ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

(6) ضروري فائدا:

ديسي توت هڪ ڪارائتو وڻ آهي. هن جا پن ريشم جي ڪيڙن پالڻ جي ڪم اچن ٿا، هن جي ٽارين مان ڪارا ڦاهيا ويندا آهن. توت مان ڪاٺ ۽ ٻارڻ ملندو آهي. هن جو ڪاٺ راندين جو سامان، ڪٽن ۽ فرنيچر ڪانسواءِ ڪيترن ئي مقصدن لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي.

(ب) ٻہ نسلو توت:

(1) خاصيتون: ٻہ نسلو يا هائبرڊ توت خاص ڪري ريشم جي ڪيڙن پالڻ جي ڪم ايندو آهي. پاڪستان ۾ هائيبرڊ جا ڪيتراني

قسم پوکيا ويندا آهن، انهن ۾ چيني، جپاني ۽ ڪوريائي قسم شامل آهن، انهن سمورن مان چيني ۽ جپاني قسم وڌيڪ ڪامياب آهن. انهن قسمن جي توت جا پن ان وقت ڪٽڻ شروع ڪن ٿا جڏهن ريشم جا ڪيڑا آنن مان نڪرن ٿا. توتن جا اهي قسم نرم ۽ غذائيت سان ڀرپور پن وڏي مقدار ۾ پيدا ڪن ٿا. انهن قسمن تي سال ۾ ٻه پيرا ڪينئان پروري ڪري سگهجي ٿي.

(2) وٽڪاري جو طريقو: ٻه نسلو توت پاڙ جي قلم سان ٻه پوکي سگهجي ٿو ۽ ٽاري جي قلم سان ٻه. قلم جي ڊيگهه 6 کان 9 انچ هجڻ گهرجي. هر قلم تي چئن کان ڇهن گوڏنچن جو هجڻ ضروري آهي. قلم جي ٽولهه هٽ جي وچين آکڙ جي ٽولهه جيتري هجڻ گهرجي.

سفيدي جون حفاظتي قطارون

نِم جو وڻ

اي منهنجا سهڻا نِم جا وڻ !

تون سڄ جي جَرَ کي روک ڪري،
ٿو ڏينهن سڄو لوسات سهين.
وسڪار سندي ٽڏڪار بنا،
ڇ موهي ٽڏڙي جانو سان تون
ٿو لاهين گوندر رمتن جا.

ڪيڏو نہ سگهارو آهين تون،
بيبپ متارو آهين تون !

هيءَ تنهنجو مٽو،
ڪا جت جِيَرُ ناهي جنهن تي،
ٿو ڏينهن تتي جي ننڍڻ اُس
جو ڪاڇ ٽيئي، تنهن هوندي بہ
سر سبز رهن تا تنهنجا پَنَ.

تو وانگر جيڪر ماڻهون بہ
وريام ٽيئي ڇ اُسري اوڇو يونءِ متان،
ڏکُ سورَ سهي، واهُر وڙَ سان
ڏُکين کي بچائي هاجي کان،
سُورن کان، ڪُڏي کان، غربت کان.

تو وانگر جيڪر ماڻهو بہ
مضبوط رهي،
جو ٽيڻو آ، منهن تنهن سان ڏي.

ڇا اِئين ٽيڻ
هوندو نہ حياتي جي هِڪ ئي
اعليٰ ڇ اُتاهين سُپني جو
سَرهو ڇ سَجايو پورائو ؟

اي منهنجا سهڻا نِم جا وڻ !

ـ ايلسا قاضي
(1907-1967)

پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ "لُڙھندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ جٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙھندَڙ، ڪَڙھندڙ، ڪُڙھندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪائُو، پاڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگھجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "**پڑھندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑھندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجھَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑهندڙ نسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيکڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَکَ جاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيکڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَکَ جاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وطن جا پَنَ ساوا، ڳاڙهاَ، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڑهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ہيں لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سي ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَڻُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪتـابن کـي دِجِيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي دِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ہيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيکڏهن کو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑهندڙ نَسُل . پَ نَ The Reading Generation

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي تي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليگڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڇاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مجن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڇاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہ ڇڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي تي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڇڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہ ڇڻ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڑھڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. **پَنَ** نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين تا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن تا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون پاکيِ پائي چيو تہ "منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
ـ ايار (ڪلهي پاتم ڪينرو)